(عربي اردو، سنڌي، گجراتي انگلش، بنگالي ۽ هندي) ۾ شايع ٿيندڙ ڪثيرالاشاعت ميگزين

Faizan-e-Madina | Monthly Magazine | رنگین شمارہ

ماهوار

# فيضانِ مدينہ

(دعوتِ اسلامي)

مئي 2026/ذوالحجة الحرام 1447





- رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم جي قرباني جو انداز
- عثمان غني جا 10 وصف
- حج کان واپسي تي....
- اسلام يتيمن جو سهارو
- دارالافتاء



# احڪامِ تجارت

مفتي ابو محمد علي اصغر عطاري مدني

## (1): ٻِليءَ جي خريد ۽ وِڪري جو حڪم ۽ حديث پاڪ جي شرح

سوال: ڇا ٿا فرمائن علماءِ ڪِرام هن مسئلي جي باري ۾ تہ ٻِليءَ جي خريد ۽ وڪرو ڪرڻ ڪيئن آهي؟ اسان ٻڌو آهي تہ حديث پاڪ ۾ ٻِليءَ جي قيمت کائڻ کان منع فرمايو ويو آهي.

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

جواب: ٻليءَ جي خريد ۽ وِڪرو ڪرڻ جائز آهي، شرعاً ان ۾ ڪو حرج نہ آهي. رهي ڳالھ احاديث ڪريمہ جي جن ۾ ٻليءَ جي قيمت کائڻ کان منع فرمايو ويو آهي، تہ ان جا محدثينِ ڪرام ڪجھ جواب ڏنا آهن جيڪي هيٺ ڏجن ٿا:

**پهريون جواب:** جنهن ٻليءَ جي خريد ۽ وڪرو ڪرڻ ممنوع آهي، اُها غير نافع ٻلي آهن جيئن وحشي يا جهنگلي ٻلي

**ٻيو جواب:** هيءَ ممانعت اسلام جي شروعات ۾ هئي، جڏهن ٻليءَ کي ناپاڪ جانور قرار ڏنو ويو هو، بعد ۾ جڏهن ان جي اوبر کيل شيءِ جي پاڪ هئڻ جو حڪم ڏنو ويو تہ سندس قيمت حلال ٿي وئي.

**ٽيون جواب:** هتي جيڪا ممانعت ڪئي وئي آهي، اُها تحريمي نہ پر تنزيهي آهي يعني ان کي وڪرو ڪرڻ جائز تہ آهي پر غير مناسب آهي، هي جانور تہ هُونئن ئي تحفي ۾ ڏئي ڇڏڻ گهرجي.

حضرت سيدنا جابر رضی اللہ عنہ کان روايت آهي، فرمائن ٿا: نهى رسول الله صلَّى اللهُ عليهِ والهٖ وسلَّم عن اكل الهرة وثمنها يعني: رسول الله صلَّى اللهُ عليهِ والهٖ وسلَّم ٻلي ۽ ان جي قيمت کائڻ کان منع فرمايو آهي.

(ابن ماجه، 285/3)

مفتي احمد يار خان نعيمي رحمۃ اللہ علیہ هن حديث پاڪ جي شرح ۾ فرمائن ٿا: ”يا تہ ڪتي ۽ ٻليءَ مان مراد غير نافع ڪتو يا ٻلي آهن جيئن ڇتو ڪتو يا جهنگلي ٻلي جو جيڪڏهن ڪين ٻَڌي رکيو وڃي تہ ڪوئن جو شڪار نہ ڪري سگهن ۽ جيڪڏهن کولي ڇڏجي تہ ڀڄي وڃن، يا مطلقاً ڪتو ٻلي مراد آهي ۽ نَهِي ڪراهت تنزيهيءَ لاءِ آهي يعني انهن جو وڪرو ڪرڻ غير مناسب آهي، هي جانور تہ هُونئن ئي تحفي ۾ ڏئي ڇڏڻ گهرجن.“

(مرأة المناجيح،254/4)

صدر الشريعہ مفتي امجد علي اعظمي رحمۃ اللہ علیہ لکن ٿا: ”ڪتو، ٻلي، هاٿي، چيتو، باز، شِڪرو، ٻهري، انهن سڀني جي بيع جائز آهي.“ (بهارِ شريعت، 809/2)

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَرَسُوْلُهٗ اَعْلَم صلَّى اللهُ عليه واٰلهٖ وسلَّم

## (2): بليو ٽوٿ وارو آئينو وڪڻڻ ڪيئن آهي؟

سوال: ڇا ٿا فرمائن علماءِ ڪرام هن مسئلي جي متعلق ته اسان آئينن جي خريد و فروخت جو ڪاروبار ڪندا آهيون، اڄڪلهه مارڪيٽ ۾ بليو ٽوٿ وارا آئينا (Bluetooth Mirror) به وڪامجي رهيا آهن جيڪي موبائل فون سان Connect ٿي ويندا آهن، وڌيڪ هي ته انهن ۾ لائيٽ ۽ اينٽي فاگ (Anti Fog) جي سهولت به موجود هوندي آهي. عام طور تي ماڻهو وهنجڻ وقت بليوٽوٿ Bluetooth ڪي ميوزڪ ٻڌڻ ۽ ٻيون گناهن واريون شيون ٻڌڻ لاءِ استعمال ڪندا آهن. ڇا انهن کي وڪڻڻ جائز آهي؟

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

جواب: پڇا ڪيل صورت ۾ گراهڪ جو بليوٽوٿ وارو آئينو خريد ڪري ان کي گناهه جي ڪمن ۾ استعمال ڪرڻ متعين نه آهي، ان جا ٻيا جائز استعمال به موجود آهن، وڌيڪ هي ته بليوٽوٿ استعمال ڪرڻ واري جي لاءِ به ان کي ميوزڪ وغيره کان علاوه ٻين جائز شين ۾ استعمال ڪرڻ ممڪن آهي، مثال طور ڪو اهڃ واري ضروري فون ڪال کي هن جي اسپيڪر ذريعي ٻڌي سگهي ٿو، توڙي جو بيت الخلا ۾ ڳالهائڻ تمام معيوب ڳالهه آهي پر ائين ڪرڻ گناهه نه آهي.

تنهنڪري اُن آئيني کي وڪرو ڪرڻ ائين آهي جيئن ڇُري يا چاقو وغيرهه وڪرو ڪرڻ، استعمال ڪرڻ واري تي منحصر آهي ته هُو ان کي جائز ڪمن ۾ استعمال ڪري ٿو يا ناجائز ڪمن ۾، جيڪو جهڙي طرح استعمال ڪندو ان جو ذميدار به اُهو ئي هوندو.

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُهٗ اَعْلَم صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

## (3): V.C يا ڪميٽي دير سان ڏيڻ تي جرماني جي شرط لڳائڻ ڪيئن آهي؟

سوال: ڇا ٿا فرمائن علماءِ ڪرام هن مسئلي بابت ته زيد پاڻ وٽ هڪ ڪميٽي يا V.C رکڻ چاهي ٿو، هن ميمبرن کي وقت تي قسط ڏيڻ جو پابند بڻائڻ لاءِ تحريري طور تي هيءَ شرط رکي آهي ته جيڪڏهن ڪو ميمبر مقرر ڪيل تاريخ (مثلاً 10 ڏهين تاريخ) کان پوءِ پنهنجي قسط ادا ڪندو ته ڪيس هر ڏينهن جي حساب سان 200 روپيا بطور جرمانو ڏيڻا پوندا، سيني ميمبرن کي هن تحرير تي صحيح به ڪرڻي پوندي. جڏهن ته زيد جي نيت هيءَ آهي ته هُو حقيقت ۾ ڪنهن به ميمبر کان جرمانو نه وٺندو پر اهڙي شرط صرف ميمبرن کي وقت تي ڪميٽيءَ جي قسط ادا ڪرڻ جي ترغيب ڏيڻ لاءِ لڳائي وئي آهي. ڇا ان قسم جي شرط لڳائڻ، جڏهن ته جرمانو وٺڻ جو ڪو ارادو نه هجي شرعاً جائز آهي؟

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

**جواب:** ڀڃا ڪيل صورت ۾ ڪميٽيءَ جي ميمبرن تي دير سان ڪميٽي جمع ڪرائڻ تي اضافي رقم وٺڻ جي شرط لڳائڻ جائز نہ آهي، جيتوڻيڪ زيد جي نيت اضافي رقم وٺڻ جي نہ هجي.

هن مسئلي جي تفصيل ڪجھ هن ريت آهي تہ ڪميٽيءَ جي رقم جمع ڪرائڻ واري جون ٻہ صورتون هونديون آهن:

**(1):** هڪ صورت هيءَ آهي تہ سندس ڪميٽي يا وِيسِي نڪتي نہ آهي، اهڙي صورت ۾ دير سان جمع ڪرائڻ تي اضافي رقم وٺڻ جي شرط مالي جرمانو آهي جيڪو ناجائز ۽ حرام آهي.

**(2):** ٻي صورت هيءَ آهي تہ هن ڪجھ قسطون ڀريون ۽ سندس وِيسِي نڪري پئي، اِن صورت ۾ ڪيس جيڪا اضافي رقم ملي آهي اُها هُن تي قرض آهي، هاڻي جيڪي قسطون ادا ڪري رهيو آهي، تہ هُو پنهنجو قرض لاهي رهيو آهي، اهڙي صورت ۾ دير سان ڪميٽي جمع ڪرائڻ تي اضافي پيسا وٺڻ جي شرط وياج آهي ڇاڪاڻ تہ هي قرض تي مشروط اضافي نفعو وٺڻ آهي ۽ وياج حرام ۽ گناھ آهي.

هاڻي جيئن تہ ڪميٽيءَ جي قسط دير سان جمع ڪرائڻ واري تي اضافي رقم جي شرط لڳائڻ جي صورت ۾ وياج ۽ مالي جرمانو ٻنهي جو احتمال موجود آهي ۽ ٻئي غير شرعي عمل آهن. تنهنڪري زيد جو اهڙي شرط لڳائڻ ۽ بقايا ميمبرن جو هن غير شرعي ڪم ڪرڻ تي رضامندي ظاهر ڪرڻ فعلِ حرام آهي، توڙي جو زيد جي نيت اضافي رقم وصول ڪرڻ جي نہ هجي.

وَاللّٰہُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُہٗ اَعْلَم صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

# دارُالافتاء

مفتي ابو محمد علي اصغر عطاري مدني

## (1): غير مسلم کان قربانيءَ جو جانور خريدڻ جو حڪم

**سوال:** ڇا ٿا فرمائن علماءِ ڪرام هن مسئلي جي باري ۾ تہ عيسائي واپاري کان قربانيءَ جو جانور خريدڻ جو ڇا حڪم آهي؟

بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

خريد ۽ فروخت درست هئڻ لاءِ عقد ڪرڻ وارن جو مسلمان هجڻ شرط نہ آهي. ڪافر سان بہ خريد و فروخت ڪرڻ شرعاً جائز آهي. تنهنڪري عيسائي واپاري کان قربانيءَ جو جانور خريد ڪرڻ شرعاً جائز آهي، جڏهن تہ اُهو جانور قربانيءَ جي لائق هجي ۽ ان ۾ قرباني درست ٿيڻ جون سموريون شرطون موجود هجن.

(بدائع الصنائع فی ترتیب الشرائع،135/5-فتاوی رضویہ،14/ 421)

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَرَسُوْلُهٗ اَعْلَم صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

## (2): ڇا ميت جي قربانيءَ جو گوشت پاڻ کائڻ جائز آهي؟

**سوال:** علماءِ ڪِرام هن مسئلي بابت ڇا ٿا فرمائن تہ ماڻهن ۾ هيءَ ڳالھ مشهور آهي تہ ميت جي طرفان ڪيل قربانيءَ جو گوشت پاڻ نہ ٿو کائي سگهجي. شرعي طور تي هن ڳالھ جي ڇا حقيقت آهي؟ ڇا هي درست آهي يا نہ؟

بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

ميت جي طرفان ڪيل قرباني عام طور تي ميت جي ايصالِ ثواب لاءِ ڪئي ويندي آهي. ان ۾ قرباني ڪرڻ واري کي اختيار آهي تہ پاڻ بہ کائي سگهي ٿو ۽ ٻين کي بہ کارائي سگهي ٿو، غريبن، فقيرن ۽ اميرن ۾ بہ ورهائي سگهي ٿو. ان ۾ شرعاً ڪو حرج نہ آهي.

(حاشیۃ الطحطاوی علی الدر، 168/4 - بہار شریعت، 345/3)

پر جيڪڏهن ميت جي وصيت مطابق قرباني ڪئي وڃي تہ پوءِ صرف غريبن تي ئي صدقو ڪرڻ لازم آهي. ان مان نہ پاڻ کائي سگهجي ٿو ۽ نہ ئي ڪنهن امير کي کارائي سگهجي ٿو.

(فتاویٰ فیض الرسول، 444/2 - بہار شریعت، 345/3)

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَرَسُوْلُهٗ اَعْلَم صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

## (3): پيدائشي ننڍي پُڇ واري ٻڪري جي قربانيءَ جو حڪم

**سوال:** ڇا ٿا فرمائن علماءِ ڪرام هن مسئلي بابت تہ زيد کي قربانيءَ لاءِ هڪ ٻڪرو خريدڻو آهي. زيد کي هڪ خوبصورت ٻڪرو پسند آيو آهي. اُن ۾

اُهي عيب نہ آهن جن جي ڪري قرباني نہ ٿيندي آهي، پر هن ٻڪري جو پُڇ پيدائشي طور تي ننڍو آهي. هن ڳالهہ جي سو فيصد تحقيق آهي تہ ٻڪري جو پڇ ڪٽڻ جي سبب ننڍو نہ ٿيو آهي پر پيدائشي طور ئي ننڍڙو آهي. ڇا اهڙي ٻڪري جي قرباني ڪري سگهجي ٿي يا نہ؟ شرعي رهنمائي فرمايو.

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

اَلۡجَوَابُ بِعَوۡنِ الۡمَلِكِ الۡوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الۡحَقِّ وَالصَّوَابِ

پڇيا ڪيل صورت مطابق جنهن ٻڪري جو پڇ پيدائشي طور ننڍڙو آهي تہ اهڙي ٻڪري جي قرباني جائز آهي.

هن مسئلي جا قريب ترين مثال هي آهن تہ فقهاءِ ڪرام اهڙو ٻڪرو جنهن جا پيدائشي طور ڪَنَ ننڍڙا هجن ۽ اهڙي طرح رِڍَ يا گهٽو جنهن جي چَڪِي (پچ جي چربي/ گوشت) پيدائشي طور ننڍي هجي تہ ان جي قرباني کي جائز قرار ڏنو آهي. ان جو سبب فقهاءِ ڪرام هي بيان ڪيو آهي تہ عضوو جڏهن موجود هجي ۽ خارجي طور تي ان ۾ ڪو نقص يا عيب پيدا نہ ڪيو ويو هجي، پر خلقت يعني پيدائشي طور تي سندس سائز ۾ گهٽِ وَڌائي هجي تہ اُن عضوي جي ننڍي، وڏي، ٿلهي، سنهي، وڌيڪ يا گهٽ گوشت واري هجڻ سان قرباني ۾ ڪو فرق يا رڪاوٽ نہ پوندي ۽ اهڙي جانور جي قرباني تي ويندي، جڏهن تہ ٻي ڪا شرعي خرابي موجود نہ هجي. تنهنڪري سوال ۾ پڇيل ٻڪري جو پيدائشي پڇ ننڍو هجي تہ ان جي قرباني جائز آهي.

(جوہرہ نیرہ،4455/2-فتاوی ہندیہ،279/5-فتاوی امجدیہ، 2 /303)

وَاللّٰهُ اَعۡلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَرَسُوۡلُهٗ اَعۡلَم صلَّى الله عليه واٰلهٖ وسلَّم

## (4): ايامِ قرباني کان پوءِ رهجي ويل قربانيءَ جو حڪم

**سوال:** ڇا ٿا فرمائن علماءِ ڪرام هن مسئلي جي باري ۾ تہ صاحبِ نصاب ۽ مقيم شخص قرباني نہ ڪئي جڏهن تہ ان قربانيءَ لاءِ ڪو جانور بہ خريد نہ ڪيو هو. هاڻي قرباني جا ڏينهن گذري وڃڻ کان پوءِ سندس لاءِ ڇا حڪم آهي؟ ڇا اهو صاحبِ نصاب شخص جانور خريد ڪري صدقو ڪري يا جانور ذبح ڪري سندس گوشت صدقو ڪري؟ ڪهڙي طرح هو بريءُ الذمہ ٿيندو؟ رهنمائي فرمايو.

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

اَلۡجَوَابُ بِعَوۡنِ الۡمَلِكِ الۡوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الۡحَقِّ وَالصَّوَابِ

پڇيا ڪيل صورت ۾ اُن صاحبِ نصاب شخص تي عام طور تي اهڙي ٻڪري (جنهن ۾ قرباني جون سڀ شرطون موجود هجن) کي زنده صدقو ڪرڻ يا سندس قيمت صدقو ڪرڻ واجب آهي. ان سان گڏوگڏ بغير عذر جي شرعي قرباني نہ ڪرڻ جي گناہ کان الله عزوجل جي دربار ۾ توبهہ ڪرڻ بہ لازمي آهي.

جڏهن ته قربانيءَ جي قضا ۾ هاڻي جانور ذبح نه ٿو ڪري سگهجي.

(بدائع الصنائع، 280/6 - درِ مختار مع ردالمحتار، 531/9 تا 533 ملتقطاً و ملخصاً - فتاویٰ رضویہ، 361/20 - بہار شریعت، 338/1-339 - فتاویٰ فقیہ ملت، 248/2)

وَاللهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُهٗ اَعْلَم صلَّی اللہ علیه واٰلِهٖ وسلَّم

## (5): نمازِ عيد کان پوءِ پر خطبي کان اڳ ۾ قرباني ڪرڻ جو حڪم

**سوال:** ڇا ٿا فرمائن علماءِ ڪرام هن مسئلي بابت ته عيد جي نماز کان پوءِ پر خطبي کان اڳ ۾ قرباني ڪرڻ سان ڇا قرباني ادا ٿي ويندي؟

بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

شهر ۾ قرباني درست ٿيڻ لاءِ شرط آهي ته عيد جي نماز پڙهي وئي هجي(اصل نمازِ عيد ٿيڻ جو اعتبار آهي). تنهنڪري نماز ٿي وڃڻ کان پوءِ خطبي کان اڳ ئي جيڪڏهن ڪنهن شخص قرباني ڪري ڇڏي ته اهڙي صورت ۾ سندس قرباني ته ادا ٿي ويندي پر اهو شخص اساءت جو مرتڪب ٿيندو.

(بدائع الصنائع فی ترتیب الشرائع، 37/5 - الدر المختار مع رد المحتار، 527/9-528 - حاشية الطحطاوی علی الدر المختار، 14/11 - بہار شریعت، 337/3 ملتقطاً)

وَاللهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُهٗ اَعْلَم صلَّی اللہ علیه واٰلِهٖ وسلَّم

## (6): واجب قربانيءَ جي گوشت مان زڪواة جي ادائيگيءَ جو حڪم

**سوال:** ڇا ٿا فرمائن علماءِڪرام هن مسئلي جي باري ۾ ته هڪ شخص واجب قرباني ڪئي ۽ ان مان جيڪو گوشت ڪيس حاصل ٿيو، اُهو ان زڪوٰت طور شرعي فقير کي ڏئي ڇڏيو ته ڇا سندس زڪوٰت ادا ٿي ويندي؟ جيئن ته **1200** روپيا في ڪلو گوشت آهي، جيڪڏهن **10 ڪلو** گوشت شرعي فقير کي ڏئي ڇڏي ته ڇا **12 هزار روپين** جو گوشت زڪوٰت ۾ ڏئي سگهجي ٿو؟

بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

پڇا ڪيل صورت ۾ قربانيءَ جو گوشت ڪنهن شرعي فقير کي زڪوٰت طور ڏيڻ سان زڪوٰت ادا نه ٿيندي. عيد يا صدقهءِ واجبه جي قرباني ته پهريان ئي هڪ واجب فرض آهي. ان جو گوشت ته اُها ملڪيت آهي جيڪا الله جي راهه ۾ خرچ ٿي چڪي آهي. هي ته الله پاڪ جو فضل آهي جو ان قرباني ڪرڻ واري کي اهو گوشت کائڻ ۽ استعمال ڪرڻ جو حق ڏنو آهي. پر هي گوشت ڪنهن بئي صدقهءِ واجبه جي ادائيگي لاءِ استعمال نه ٿو ڪري سگهجي.

(الفتاوی الهندية، 308/5)

وَاللهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُهٗ اَعْلَم صلَّی اللہ علیه واٰلِهٖ وسلَّم




# آخري نبي
# محمدِ عربي جو انداز قرباني

**مولانا ناصر جمال عطاري مدني**

عمل (Action) جو تاثير الفاظ کان کيترائي ڀيرا وڌيڪ هوندو آهي، سڻيون ڳالهيون ڪيون تہ وينديون آهن، پر انهن تي عمل ڪرڻ باقي رهجي ويندو آهي ۽ جڏهن ”چيل“ کي ”ڪيل“ بڻايو وڃي تہ معاشري ۾ خاموش انقلاب برپا ٿي ويندو آهي. هن نقطي کي ذهن ۾ رکي، سيرتِ مصطفیٰ صلّی الله عليه واله وسلّم تي نظرون ڊوڙائيندا تہ توهان کي احاديث پاڪ ۾ اعمالِ مصطفیٰ جا ڪيترائي منظر پوري آب ۽ تاب سان نظر ايندا. انهن مان هڪ منظر رسولِ اڪرم صلّی الله عليه واله وسلّم جو اندازِ قرباني بہ آهي. اچو تہ اُن جي باري ۾ پڙهون ٿا:

**يومِ قرباني جي اهميت:** الله پاڪ جي آخري نبي صلّی الله عليه واله وسلّم هن مبارڪ ڏينهن جي اهميت هن ريت بيان فرمائي: اِنَّ اَعْظَمَ الْاَيَّامِ عِنْدَ اللهِ تَبَارَكَ وَتَعَالٰى يَوْمُ النَّحْرِ، ثُمَّ يَوْمُ الْقَرّ يعني الله پاڪ جي ويجهو سڀ کان وڏو ڏينهن قرباني جو ڏينهن (يعني 10 ذوالحج) آهي، پوءِ ان کان بعد وارو ڏينهن (يعني 11 ذوالحج). [i]

**قرباني ڪرڻ جي اهميت:** الله پاڪ جي آخري نبي صلّی الله عليه واله وسلّم قرباني جي اهميت بيان ڪندي فرمايو:

**(1):** قرباني ڪرڻ واري کي قربانيءَ جي جانور جي هر وارَ جي بدلي ۾ هڪ نيڪي ملندي آهي. [ii]

**(2):** جنهن خوشدليءَ سان ثواب حاصل ڪرڻ جي نيت سان قرباني ڪئي، اُها سندس لاءِ جهنم جي باهہ کان رڪاوٽ بڻجي ويندي. [iii]

**(3):** جنهن کي قرباني ڪرڻ جي طاقت هجي ۽ پوءِ بہ هُو قرباني نہ ڪري تہ اُهو اسان جي عيدگاهہ جي ويجهو نہ اچي. [iv]

**قرباني ڇا آهي؟:** صحابهءِ ڪرام عليهم الرّضوان عرض ڪيو: يا رسول الله صلّی الله عليه واله وسلّم! هي قرباني ڇا آهي؟

پاڻ صلّی الله عليه واله وسلّم فرمايو: ”توهان جي پيءُ حضرت ابراهيم عليه السّلام جي سنت آهي.“ صحابہ عرض ڪيو: يا رسول الله صلّی الله عليه واله وسلّم هن ۾ اسان جي لاءِ ڪهڙو ثواب آهي؟ فرمايائون: ”هر وارَ جي بدلي ۾ هڪ نيڪي آهي.“ عرض ڪيو ويو: ۽ اُنَ ۾؟ پاڻ صلّی الله عليه واله وسلّم فرمايو: ”اُنَ جي هر

وارَ جي بدلي ۾ به هڪ نيڪي آهي.“ (v)

**قرباني عيد نماز کان پوءِ ڪئي وڃي:** رسولِ اڪرم صلّی الله عليهِ واٰلهٖ وسلّم قرباني واري عيد جي ڏينهن نماز پڙهي، پوءِ خطبو پڙهيائون، پوءِ قرباني ڪيائون ۽ فرمايائون: ”جنهن نماز کان اڳ قرباني ڪري ڇڏي ته هُو ان جي جاءِ تي ٻيهر قرباني ڪري ۽ جنهن نماز کان اڳ قرباني نه ڪئي هجي ته اُهو الله تعاليٰ جي نالي تي قرباني ڪري.“ (vi)

حضرت براء رضی الله عنه فرمائن ٿا ته الله پاڪ جي رسول صلّی الله عليهِ واٰلهٖ وسلّم فرمايو: سڀ کان پهريون ڪم جيڪو اسان اڄ ڪنداسين اُهو هي آهي ته نماز پڙهون ۽ ان کان پوءِ قرباني ڪريون. جنهن ائين ڪيو اُن اسان جي سنت تي عمل ڪيو ۽ جنهن پهريان ئي ذبح ڪري ڇڏيو ته اُهو گوشت آهي جيڪو هُن پنهنجي گهر وارن لاءِ اڳواٽ ئي تيار ڪري ڇڏيو، قربانيءَ جو ان سان ڪو به تعلق نه آهي. (vii)

**قرباني جي مقام جي چُونڊ:** حضرت ابن عمر رضی الله عنهما فرمائن ٿا: رسول الله صلّی الله عليهِ واٰلهٖ وسلّم عيدگاهه ۾ ذبح ۽ نحر فرمائيندا هئا. (viii)

آخري نبي صلّی الله عليهِ واٰلهٖ وسلّم جو عيدگاهه جي ويجهو قربانيءَ جو جانور ذبح ڪرڻ يا نحر ڪرڻ جو سبب اِهو هو ته پاڻ صلّی الله عليهِ واٰلهٖ وسلّم (قربانيءَ جو وقت شروع ٿيڻ جي) خبر ڏيڻ لاءِ ائين ڪندا هئا ته جيئن ماڻهو پاڻ صلّی الله عليهِ واٰلهٖ وسلّم کي ڏسي پنهنجيون قربانيون ڪرڻ شروع ڪري ڏين. (ix)

ياد رهي ته قرباني شعائرِ اسلام مان آهي، ان جو اظهار عام مجمعي ۾ افضل آهي ته جيئن ماڻهو ڏسن ۽ قربانيءَ جي سنت جي اهميت کي سمجهن. (x) وڌيڪ هي ته قربانيءَ سان گڏوگڏ صفائي جو به پورو پورو انتظام ڪيو وڃي ته جيئن عام ماڻهن جا حق تلف نه ٿين.

**قرباني ڪيئن ڪيائون:** هن سلسلي ۾ ڪجهه روايتون ملاحظ ڪريو:

**(1):** حضرت انس رضی الله عنه کان روايت آهي ته رسولِ اڪرم صلّی الله عليهِ واٰلهٖ وسلّم ٻن چٽڪمري رنگ جي سِڱ وارن گهيٽن جي قرباني ڪئي ۽ انهن کي پنهنجن هٿن سان ذبح ڪيائون، بسم الله ۽ تڪبير چيائون. حضرت انس وڌيڪ فرمائن ٿا: مون پاڻ صلّی الله عليهِ واٰلهٖ وسلّم کي انهن گهَيٽن جي بدن تي پنهنجو پير رکندي ڏٺو، پاڻ فرمائي رهيا هئا: بِسۡمِ اللهِ وَاللهُ اَكۡبَر. (xi)

**(2):** حضرت عائشه رضی الله عنها کان روايت آهي ته رسول الله صلّی الله عليهِ واٰلهٖ وسلّم حڪم فرمايو ته هڪ سنگن وارو گهَيٽو آندو وڃي جيڪو ڪاراڻ ۾ هلندو هجي، ڪاراڻ ۾ ويهندو هجي ۽ ڪاراڻ ۾ ڏسندو هجي (يعني ان جا پيرَ ڪارا هجن، پيٽ

کارو هجي ۽ اکيون بہ کاريون هجن). سندن خدمت ۾ حاضر ڪيو ويو تہ جيئن پاڻ صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم ان جي قرباني ڪن. پاڻ صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم فرمايو: عائشہ! ڇري کڻي اچ. پوءِ فرمايائون: ”اِن کي پٿر تي تِکو ڪر.“ مون ان کي تِکو ڪري ڏنيو، پوءِ پاڻ صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم ڇُري کي پڪڙي، گهَيٽي کي ليٽايو ۽ ذبح ڪري ڇڏيو. پوءِ فرمايائون: بِسْمِ اللهِ اَللّٰهُمَّ تَقَبَّلْ مِنْ مُّحَمَّدٍ وَّآلِ مُحَمَّدٍ وَمِنْ اُمَّةِ مُحَمَّدٍ يعني الله جي نالي سان (شروع)، يا الله! هِن کي محمد ۽ آلِ محمد ۽ امتِ محمد جي طرفان قبول فرماءِ. پوءِ ان جي قرباني ڪيائون. (xii)

**(3):** نبيءِ اڪرم صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم پنهنجي پياري ڌيءُ حضرت فاطمة الزهرا رضی اللہ عنها کي فرمايو: ”اي فاطمہ! پنهنجي قربانيءَ وٽِ موجود رهہ، ڇو جو جيئن ئي تنهنجي قربانيءَ جي خون پهريون قطرو ڪِرندو تہ تنهنجا سڀ گناه معاف ڪيا ويندا.“ (xiii)

## قرباني جي وقت پڙهڻ واري دعا:

رسولِ ڪريم صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم ذبح جي وقت جانور کي قبلي جي طرف مُنهُن ڪري هيءَ دعا پڙهي: اِنِّيْ وَجَّهْتُ وَجْهِيَ لِلَّذِيْ فَطَرَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ عَلٰى مِلَّةِ اِبْرَاهِيْمَ حَنِيْفًا، وَمَا اَنَا مِنَ الْمُشْرِكِيْنَ، اِنَّ صَلَاتِيْ وَنُسُكِيْ وَمَحْيَايَ وَمَمَاتِيْ لِلّٰهِ رَبِّ الْعَالَمِيْنَ لَا شَرِيْكَ لَهٗ، وَبِذٰلِكَ اُمِرْتُ وَاَنَا مِنَ الْمُسْلِمِيْنَ، اَللّٰهُمَّ مِنْكَ وَلَكَ، عَنْ مُحَمَّدٍ وَّاُمَّتِهٖ بِسْمِ اللهِ، وَاللهُ اَكْبَرُ

يعني مون پنهنجو پاڻ کي ان ذاتهن متوجهہ ڪيو جنهن آسمان ۽ زمين پيدا ڪيا آهن، مان دينِ ابراهيمي تي آهيان ۽ هر ٻي دينيءَ کان الڳ آهيان ۽ مشرڪن مان نہ آهيان، يقيناً منهنجي نماز، منهنجي قرباني، منهنجي زندگي ۽ منهنجو موت رب العالمين جي لاءِ آهي، سندس ڪو شريڪ نہ آهي، مون کي اُن جو حڪم مليو ۽ مان اطاعت ڪرڻ وارن مان آهيان، يا الله! هيءَ تنهنجي توفيق سان، تنهنجي بارگاهہ ۾ (قرباني پيش آهي)، محمد مصطفيٰ صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم ۽ سندن امت جي طرفان آهي. (xiv)

## قرباني جي جانورن جي ورهاست:

الله جي آخري نبي صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم صحابہ جي وچ ۾ ٻڪريون ورهايون تہ جيئن صحابہ پنهنجي طرفان ٻڪرين جي قرباني ڪري سگهن. (xv)

الله پاڪ جن ماڻهن کي نوازيو آهي، اُهي جيڪڏهن جانور خريد ڪري غريبن ۾ ايئن ورهائيندا رهن تہ عيد جي خوشي تمام تيزيءَ سان معاشري ۾ پکڙجي ويندي ۽ شعارِ قرباني پڻ وڌيڪ عام ٿيندو.

## اُمت جي طرفان قرباني:

الله پاڪ جي آخري نبي صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم ٻن جانورن جي قرباني فرمائي. هڪ جي قرباني ڪري هيءَ دعا فرمايائون: اَللّٰهُمَّ مِنْكَ وَاِلَيْكَ،

اَللّٰهُمَّ اِنَّ هٰذَا عَنْ مُحَمَّدٍ وَاَهْلِ بَيْتِهٖ يعني ياالله! هيءُ تنهنجي توفيق سان، تنهنجي بارگاهه ۾ (قرباني پيش آهي)، اي الله! هيءُ محمد صلّى الله عليه واٰله وسلّم ۽ سندس گهر وارن جي طرفان آهي.

پوءِ ٻئي جانور جي قرباني ڪري هيءُ دعا فرمايائون: بِسْمِ اللهِ اَللّٰهُمَّ مِنْكَ وَاِلَيْكَ، اَللّٰهُمَّ هٰذَا عَمَّنْ وَحَّدَكَ مِنَ اُمَّتِیْ يعني الله جي نالي سان (شروع)، اي الله! تنهنجي توفيق سان، تنهنجي بارگاهه ۾ (قرباني پيش آهي)، اي الله! هيءُ منهنجي امت مان انهن ماڻهن جي طرفان آهي جيڪي توکي هڪ مڃيندا آهن. (xvi)

**قرباني ڪرڻ جي وصيت:** مسلمانن جا چوٿون نمبر خليفا شيرِ خدا حضرت علي المرتضيٰ رضي الله عنه قربانيءَ ۾ ٻه جانور ذبح فرمائيندا هئا. جڏهن ڪانئن ان جو سبب پڇيو ويو ته فرمايائون: اِنَّ رَسُوْلَ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ اَوْصَانِیْ اَنْ اُضَحِّیَ عَنْهُ فَاَنَا اُضَحِّیْ عَنْه يعني مون کي الله جي رسول صلّى الله عليه واٰله وسلّم وصيت فرمائي ته مان انهن جي طرفان ٻه قرباني ڪريان، تنهنڪري مان حضور صلّى الله عليه واٰله وسلّم جي طرفان ٻه قرباني ڪندو آهيان. (xvii)

الله پاڪ اسان کي ٻه قربانيءَ ڪرڻ جو اِهو انداز اپنائڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صلَّى اللّٰه عليه واٰلهٖ وسلَّم.

(i)ابوداؤد،211/2، حديث:1765
(ii)ترمذی،3/162، حديث:1498
(iii)معجم کبير،3/ 84، حديث:2736
(iv)اِبن ماجہ،3 /529،حديث:3123
(v)ابن ماجہ،3/531،حديث:3127
(vi)بخاری، 1/338،حديث:985
(vii)بخاری،3/571، حديث:5545
(viii)بخاری،1/338،حديث:982
(ix)دیکھیے:ضیاء الساری،9/343
(x)فيوض الباری،4/96
(xi)مسلم، ص837،حديث:5088
(xii)مسلم، ص837، حديث:5091
(xiii)سنن کبری،9/476،حديث:19161
(xiv)ابوداؤد، 3/126،حديث:2795
(xv)دیکھیے:مسلم، ص837، حديث:5085،5086
(xvi)مسند ابی یعلی، 3/133،حديث:3106
(xvii)ابوداؤد، 3/124،حديث:2790



فرياد

# حج کان واپسيءَ تي

نگرانِ شُوريٰ

حج، ارڪانِ اسلام مان هڪ بنيادي رُڪن ۽ اهم عبادت آهي. هر سال لکين مسلمان هڪ جهڙي لباس ۾ رنگ ۽ نسل جو فرق مِٽائي سرزمين حرم تي اتفاق ۽ اتحاد جو هڪ عظيم مثال قائم ڪندا آهن. حج جي دوران انهن حاجين تي اهڙيون تہ ڪرم نوازيون ٿينديون آهن جو انهن فضيلتن کي ٻُڌي هر ڪنهن جي دل ۾ هن مقدس مقام جي زيارت جو ارمان پيدا ٿيڻ لڳندو آهي.

حاجيءَ کي گهرجي تہ هُو دورانِ حج پنهنجي ۽ سيني مسلمانن جي لاءِ خوب دعائون گهري، بالخصوص هيءَ دعا تہ لازمي گهري تہ ”يا الله پاڪ! هن حج کي منهنجي لاءِ حجِ مبرور يعني مقبول حج بڻائي ڇڏ.“ حجِ مبرور جي وڏي فضيلت ۽ اهميت آهي.

نبيِ پاڪ صلّی اللہ علیہ والہ وسلّم ارشاد فرمايو: ”حجِ مقبول جو ثواب جنت کان گهٽ نہ آهي.“ عرض ڪيو ويو: مقبول حج مان ڇا مراد آهي؟ فرمايائون: اهڙو حج جنهن ۾ ڪاڏو ڪارايو وڃي ۽ سٺي گفتگو ڪئي وڃي. (i)

وڌيڪ فرمايائون: حجِ مقبول جي جزا جنت ئي آهي. صحابہ ڪرام رضی اللہ عنہم عرض ڪيو: ”يارسول الله صلّی اللہ علیہ والہ وسلّم! حجِ مقبول ڇا آهي؟“ ارشاد فرمايائون: اهڙو حج جنهن ۾ (بکين کي) کاڌو کارائڻ ۽ سلام کي عام ڪرڻ هجي. (ii)

مقبول حج جو مفهوم وسيع آهي. حجة الاسلام حضرت امام محمد غزالي رحمۃ اللہ علیہ فرمائن ٿا: منقول آهي تہ حج قبول ٿيڻ جي هڪ نشاني هيءَ بہ آهي تہ حاجي جن نافرمانين ۾ ڦاٿل هو، تن کي ڇڏي ڇڏي ڏئي ۽ پنهنجن برن دوستن کي ڇڏي نيڪن جي صحبت اختيار ڪري، راند روند ۽ غفلت جي مجلسن کي ڇڏي ذڪر و فڪر ۽ بيداري جي محفلن کي اختيار ڪري. (iii)

اعليٰ حضرت، امامِ اهلِ سنت مولانا شاهہ احمد رضا خان رحمۃ اللہ علیہ فرمائن ٿا: حجِ مبرور (مقبول حج) جي نشاني ئي هيءَ آهي تہ ڦريان کان چڱو ٿي واپس موٽي. (iv)

حضرت حسن بصري رحمۃ اللہ علیہ فرمائن ٿا: مقبول حج اهو آهي جنهن کان پوءِ حاجي دنيا کان بي رغبت ۽ آخرت ۾ رغبت رکڻ وارو ٿي وڃي، يا حجِ مقبول اهو آهي جيڪو حاجيءَ جي دل کي نرم ڪري ڇڏي تہ جيئن سندس دل ۾ سوز ۽ اکين ۾ آلاڻ رهي. (v)

حجِ مقبول اُهو حج آهي جيڪو حلال ڪمائي ۽ صحيح طريقي سان ادا ڪيو وڃي، اخلاص سان هجي ۽ مرڻ گهڙيءَ تائين ڪا اهڙي حرڪت نہ ڪري جنهن سان حج باطل ٿي وڃي. يعني مقبول جو بدلو صرف دنياوي غذا ۽ گناهن جي معافي يا دوزخ ڪان نجات يا عذاب ۾ ڪمي جي صورت ۾ نہ هوندو، پر جنت ضرور ملندي.(vi)

حاجي حج جي دوران نمازِ با جماعت جي پابندي، تلاوتِ قرآن، ذڪر و اذڪار، درود ۽ سلام، صدقو ۽ خيرات، تقويٰ ۽ پرهيزگاري جهڙيون ڪيتريون ئي نيڪيون ڪندو آهي ۽ ڪيس گناهن ڪان توبهہ جي توفيق بہ ملندي آهي. حج ڪان پوءِ وطن واپس اچڻ تي بہ ساڳي ڪيفيت ۽ ذوقِ عبادت باقي رهڻ گهرجي، ڇوتہ مقبول حج جي هڪ نشاني اِها بہ آهي تہ:

”جنهن ڪان پوءِ حاجي مرڻ گهڙيءَ تائين گناهن ڪان بچندو رهي ۽ حج کي برباد ڪرڻ وارو ڪو عمل نہ ڪري“.

شيطان ڪنهن حاجي صاحب کي هن خوش فهمي ۾ مبتلا ڪري سگهي ٿو تہ حج جي برڪت سان بخشش تہ ٿي وئي، تنهنڪري هاڻي حسبِ معمول حرام ۽ حلال جي تميز ڪرڻ ڪان سواءِ ئي زندگي گذاريندو رهہ. جيڪڏهن ڪنهن جي اهڙي سوچ آهي تہ ڪيس فوراً پنهنجي اصلاح ڪرڻ گهرجي ۽ اِن خوش فهمي ۾ نہ رهڻ گهرجي.

## حج ڪان پوءِ عبادت جو شوق ڪيئن باقي رکيو وڃي؟

حج ڪان پوءِ عبادت جو ذوق برقرار رکڻ لاءِ ڪجهہ مدني گُلَ ملاحظ ڪريو:

### پهريون طريقو (اطاعت جو ذهن بڻايو):

حج جي دوران جهڙي طرح الله پاڪ جي هر حڪم جي شوق سان بجا آوري ڪئي، اهڙي طرح حج ڪان پوءِ بہ اُهو ذوق باقي رکڻ لاءِ حاجي کي گهرجي تہ هر حڪمِ الٰهي جي اطاعت جو ذهن بڻائي ۽ اُن جي پياري حبيب صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم جي سنتن جي پابندي، نماز ۽ ٻين عبادتن جي ادائيگي ۾ الله پاڪ جي اطاعت کي پيش نظر رکي. جڏهن هي ذهن بڻجي ويندو تہ **مون کي الله پاڪ جي اطاعت ڪرڻي آهي** تہ پوءِ حج هجي يا نماز، زڪوٰة هجي يا ڪو ٻيو الله جو حڪم اسان هر حال ۾ ۽ هر وقت الله جي اطاعت ڪندا رهنداسين.

### ٻيو طريقو (فضائل وارين حديثن تي پختو يقين رکو):

حج تان واپسي ڪان پوءِ عبادت جو شوق برقرار رکڻ لاءِ حج جي فضيلتن تي مشتمل احاديثِ مبارڪ تي پختو يقين رکو، بالخصوص هنن ٻن فرامينِ مصطفيٰ صلّی اللہ علیہ والہٖ وسلّم کي هميشہ ذهن ۾ رکو:

(1): حاجي پنهنجن گهر وارن مان **400** مسلمانن جي شفاعت ڪندو ۽ گناهن ڪان ايئن نڪري ويندو جڻ اُن ڏينهن پنهنجي ماءُ

جي پيٽ مان پيدا ٿيو آهي. (vii)

**(2):** حج ڪندا ڪريو ڇو جو حج گناهن کي ايئن ڌوئي ڇڏيندو آهي جيئن پاڻي گدلاڻ کي ڌوئي ڇڏيندو آهي. (viii)

جڏهن هي يقين هوندو تہ حج جي برڪت سان منهنجا گناهہ معاف ٿي ويا آهن ۽ اعمالنامي مان گناهن جي ڪاراڻ ڌوپجي چڪي آهي تہ پوءِ عبادت ڏانهن سندس شوق ۽ رجحان وڌي ويندو ۽ سندس دل گناهن کان نفرت ڪرڻ لڳندي.

## ٽيون طريقو (سٺي صحبت اختيار ڪريو):

حج تان واپسي کان پوءِ عبادت جو ذوق برقرار رکڻ لاءِ سٺن ماڻهن جي صحبت اختيار ڪرڻ بہ مفيد ثابت ٿيندو، ڇوتہ حج جي ڏينهن ۾ حاجي اهڙن ماڻهن جي وچ ۾ وقت گذاريندو آهي جيڪي هر وقت عبادت ۽ تلاوت ۾ مصروف رهندا آهن، مقدس مقامن تي دعا، نوافل ۽ ذڪر و درود ۾ مصروف رهندا آهن. جن کي ڏسي عبادت جو شوق پيدا ٿيو ۽ نيڪيون ڪرڻ جو شرف حاصل ٿيو. حج کان واپسي تي جيڪڏهن اهڙن ئي سٺن ماڻهن جي صحبت ميسر ٿي وڃي تہ عبادت جو شوق برقرار رهندو. حديث شريف ۾ بهترين دوست جي نشاني هيءَ ٻڌائي وئي آهي تہ بهترين هم نشين اُهو آهي جنهن کي ڏسڻ سان توهان کي الله ياد اچي ۽ سندس گفتگو مان اوهان جي عمل ۾ اضافو ٿئي ۽ سندس عمل اوهان کي آخرت جي ياد ڏياري. (ix)

تنهنڪري بالخصوص حاجي ۽ بالعموم اسان سڀني کي پنهنجي دنيا ۽ آخرت بهتر بڻائڻ لاءِ اهڙن سنجيده ۽ سنتن جي پابند ماڻهن جي صحبت اختيار ڪرڻ گهرجي جن جون ڳالهيون خوفِ خدا ۽ عشقِ مصطفٰي ۾ اضافي جو باعث بڻجن ۽ اُهي وقت بوقت ظاهري براين ۽ باطني بيمارين جي نشاندهي ڪندا رهن ۽ انهن جو علاج تجويز فرمائيندا رهن.

اَلْحَمْدُلِلّٰه! موجوده دور ۾ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي اسان جي لاءِ هڪ عظيم نعمت آهي. دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول جي برڪت سان راهِ راست کان ڀٽڪيل بيشمار ماڻهو سڌي راهہ تي اچي ويا آهن.

دعوتِ اسلامي معاشري جي اصلاح ۽ نوجوانن جي علمي، عملي ۽ اخلاقي تربيت جي لاءِ جيڪي اقدام ڪيا آهن، انهن کان هر ڪو واقف آهي. توهان بہ هن ديني ماحول سان وابستہ رهو ۽ عمل جو جذبو وڌايو.

## چوٿون طريقو (روزاانو نيڪ اعمال جو هدف مقرر ڪريو):

عبادت جو ذوق برقرار رکڻ لاءِ روزانو نيڪ اعمال جو هڪ هدف مقرر ڪريو تہ ”مون کي ڏينهن ۾ پنج ئي نمازون باجماعت پڙهڻ سان گڏ نفلي عبادت بہ

ڪرڻي آهي“، پوءِ ان تي عمل ڪرڻ جي ڪوشش بہ ڪريو. ايئن ڪرڻ سان بہ نيڪ اعمال ڏانهن رغبت باقي رهندي.

اسان جا بزرگانِ دين بہ نيڪ اعمال جو هڪ هدف مقرر ڪندا هئا ۽ پوءِ ان تي عمل ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش فرمائيندا هئا ۽ هدف مڪمل ڪرڻ ڪان پوءِ بہ پاڻ کي عبادت ۽ رياضت ۾ ئي مشغول رکندا هئا.

شيخِ طريقت، اميرِ اهلِ سنت، حضرت علامه مولانا محمد الياس عطار قادري رضوي دامت برکاتهم العاليه بہ اسلاف جي پيروي ڪرڻ وارا هڪ عظيم شخصيت آهن. پاڻ ماڻهن کي اسلاف جي پيروي ڪرڻ جو ذهن ڏيندي ”نيڪ اعمال“ جو هڪ عظيم نسخو ڏنو آهي جنهن جي ذريعي صبح صادق ڪان وٺي رات ٿيڻ تائين نيڪين ڪرڻ جا ڪثير موقعا ملندا آهن. تنهنڪري توهان بہ روزانو نيڪ اعمال جو رسالو ڀريو ۽ ان تي عمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو. انشاءَ الله نيڪين ۾ رغبت پيدا ٿيندي.

## پنجون طريقو (حج ڪان اڳ واري ڪيفيت اپنايو):

حاجيءَ کي گهرجي تہ حج ڪان واپسي تي اُهائي ڪيفيت پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪري جيڪا سندس حج تي وڃڻ ڪان پهريان هئي. سفرِ حج ڪان پهريان حاجيءَ جي دل ۾ هڪ انقلاب برپا هوندو آهي، سندس دل محبتِ الٰهي ۾ سرشار ٿي نيڪ اعمال جي حريص ۽ گناهن ڪان ڪناره ڪش ٿي ويندي آهي. سندس اِهائي ڪوشش هوندي آهي تہ فضول گوئي، بي حيائي، بد ديانتي، ڪوڙ، غيبت ۽ جهگڙي ۽ فساد ڪان بچندو آهي، حقوقُ الله جي ادائيگي سان گڏوگڏ حقوقُ العباد بہ ادا ڪندو آهي، عزيز ۽ اقارب ڪان سندن حق تلفين جي معافي وٺندو آهي تہ جيئن دربارِ خداوندي ۾ حقوق العباد جو بارُ ڪٽي نہ وڃي. حج تان واپس اچڻ ڪان پوءِ بہ حاجيءَ کي گهرجي تہ پنهنجي اندر ساڳيون ئي ڪيفيتون ۽ نيڪين جو حرص پيدا ڪري، ڇو جو اِهو ئي حرص انسان جي بخشش، مغفرت جو ذريعو ۽ جنت جي اعليٰ درجات ۾ پهچائڻ جو وسيلو بڻجندو آهي.

الله پاڪ اسان کي اخلاص ۽ استقامت سان عبادت ۽ تلاوت جي سعادت نصيب فرمائي.

---

(i)معجم اوسط،6 / 173،حديث: 8405

(ii)كنزالعمال، الجزء5، 3/7، حديث:11830

(iii)احياء العلوم،354/1

(iv)فتاویٰ رضويہ،467/24

(v)ديكهيے:مرأة المناجيح،441/5

(vi)ديكهيے:مرأة المناجيح،96/4

(vii)كنزالعمال ، الجزء 5، 3/7، حديث: 11837

(viii)معجم اوسط ،3 / 416، رقم:4997

(ix)جامع صغير، ص247، حديث:4063



# اسلام يتيمن جو سهارو

دعوتِ اسلامي جي مرڪزي مجلسِ شوريٰ
جا نگران مولانا محمد عمران عطاري

انساني معاشرو تڏهن ئي متوازن ۽ پُرامن ٿي سگهي ٿو جڏهن ان ۾ ڪمزور ۽ بي سهارا ماڻهن کي تحفظ ۽ عزت حاصل هجي. تاريخ شاهد آهي ته جڏهن به حڪمران، اقتدار جا مالڪ يا طاقتور طبقو پنهنجين ذميوارين کان غافل ٿيو آهي ته سڀ کان پهريان ظلم جو نشانو اُهي ئي ماڻهو بڻيا جن کي پنهنجي دفاع ۽ تحفظ جي طاقت نه هئي. اسلام ڪمزورن کي تحفظ فراهم ڪري ٿو. معاشري ۾ ڪمزور سمجهيو ويندڙ هڪ طبقو يتيمن جو به آهي. يتيم اڳاٽي زماني کان ئي مظلوم رهيا آهن. اسلام کان اڳ ماڻهو سندن حق ڦٻائيندا هئا، سندن زمينن ۽ ملڪيتن تي قبضو ڪري وٺندا هئا، ڪين بنيادي ضرورتن کان محروم ڪري ڇڏيندا هئا. اسلام اُهو رحمت وارو دين آهي جنهن يتيمن کي نه صرف همدردي جو مستحق قرار ڏنو پر سندن حقن کي باقاعدي شرعي تحفظ به عطا فرمايو آهي. قرآن ڪريم بار بار يتيمن سان حسنِ سلوڪ، سندن مال جي حفاظت ۽ سندن عزت ۽ تڪريم جو حڪم ڏئي واضح ڪري ڇڏيو ته اسلام صرف دعويٰ نه ٿو ڪري پر عملي طور تي يتيمن جو رکوالو آهي. پراڻي زماني کان يتيمن سان ڪيو وڃڻ وارو ناروا سلوڪ صرف يتيم ڇوڪرن تائين ئي محدود نه هو پر يتيم ڇوڪريون به مختلف اندازن سان ايذايون وينديون هيون.

**ذلت جو هڪ سبب:** الله ڪريم جي ويجهو ذلت جو هڪ سبب قرآن پاڪ ۾ هن طرح بيان ڪيو ويو آهي:

كَلَّا بَلْ لَّا تُكْرِمُوْنَ الْيَتِيْمَ ترجمو ڪنز العرفان: هرگزنه، پر توهان يتيمن جي عزت نه ڪندا آهيو. (i) هن آيت جي تحت تفسير صراط الجنان ۾ آهي: توهان مان الله پاڪ جي بارگاهه ۾ جيڪو ذليل آهي سو اُهو نه آهي جيڪو مال جي کوٽ جو شڪار آهي، پر الله پاڪ جي اڳيان اوهان جي ذلت جو سبب هي آهي ته اوهان يتيم جي عزت نه ڪندا آهيو ۽ دولت مند هئڻ جي باوجود انهن سان سٺو سلوڪ نه ڪندا آهيو ۽ ڪين پنهنجا اهي حق نه ڏيندا آهيو جن جا هو وارث آهن. اُميه بن خلف وٽ قدامه بن

مظعون يتيم هئا، هُو انهن کي سندن حق نہ ڏيندو هو. ان تي هيءَ آيتِ مبارڪ نازل ٿي. (ii)

**يتيم ڇوڪرين سان ڪيو ويندڙ وارو ناروا سلوڪ:** زمانۂ جاهليت ۾ ماڻهو يتيم ڇوڪرين سان طرح طرح جون زيادتيون ڪندا هئا. ساڻن نڪاح ڪندا هئا تہ نہ مهر ادا ڪندا ۽ نہ ئي سندن بيون ضرورتون پوريون ڪندا هئا. هڪ ظلم هي بہ ڪندا هئا تہ پنهنجي زيرِ ڪفالت يتيم ڇوڪرين سان سندن مال جي ڪري نڪاح ڪري ڇڏيندا هئا جڏهن تہ ڪين انهن جي طرف ڪا رغبت نہ هوندي هئي. نڪاح صرف ان ڪري ڪندا هئا تہ جيئن انهن کي ملڻ وارو وراثت جو مال ڪنهن ٻئي کي نہ ڏيڻو پوي، پوءِ انهن يتيم ڇوڪرين جا حق پورا نہ ڪندا هئا، ساڻن ناروا سلوڪ ڪندا هئا ۽ سندن مال جو وارث ٿيڻ لاءِ سندن مرڻ جو انتظار ڪندا رهندا هئا. هن برائي ۽ ظلم کي ختم ڪرڻ لاءِ الله ڪريم آيتِ ڪريمہ نازل فرمائي. (iii) ٻي صورت هيءَ بہ هوندي هئي تہ جيڪڏهن يتيم ڇوڪري خوش شڪل ۽ خوبصورت نہ هوندي هئي تہ سندس نڪاح ڪنهن ٻئي سان ان ڪري نہ ڪندا هئا تہ ان ڇوڪريءَ جو مال ان شخص کي ڏيڻو پوندو. هي رواج بہ عام هو تہ قريش ڏهہ ڏهہ بلڪ ان کان بہ وڌيڪ عورتن سان شاديون ڪندا هئا ۽ جڏهن سندن خرچ برداشت نہ ڪري سگهندا هئا تہ پنهنجي سرپرستي ۾ رهڻ وارين يتيم ڇوڪرين جو مال خرچ ڪري ڇڏيندا هئا. (iv)

**يتيم ڇوڪرَن سان ڪيو ويندڙ نارَوا سلوڪ:** اسلام کان اڳ يتيمن جا سرپرست ٻُوٽِي ڏئي ٻڪري ڦٻائڻ جي چڪر ۾ رهندا هئا. يتيم جو سنو مال پاڻ کڻي وٺندا هئا ۽ ان جي جاءِ تي پنهنجو ردي ۽ گهٽيا مال رکي ڇڏيندا هئا. يتيم جي ٻڪرين جي ڌڻ مان ٿلهي متاري کڻي وٺندا هئا ۽ بدلي ۾ ڪمزور ۽ ڏُٻري ڏئي ڇڏيندا هئا. گرو سِڪو کڻي وٺندا هئا ۽ ان جي بدران کوٽو سِڪو يتيم جي مال ۾ رکي ڇڏيندا هئا ۽ چوندا هئا تہ سِڪي جي عيوض سِڪو ٿيو ۽ ٻڪريءَ جي بدلي ٻڪري ٿي. الله ڪريم ان عمل کان هن ريت منع فرمايو: وَلَا تَتَبَدَّلُوا الْخَبِيْثَ بِالطَّيِّبِ ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ پاڪيزه مال جي بدلي ۾ گندو مال نہ کڻو. (v) يعني پنهنجي حلال مال جي بدلي يتيم جو مال نہ کڻو ڇوتہ اهو توهان جي لاءِ حرام آهي. جنهن جي صورت هيءَ آهي تہ پنهنجو گهٽيا مال يتيم کي ڏئي سندس عمدو مال کڻي وٺڻ. اوهان جو گهٽيا مال اوهان جي لاءِ اعليٰ آهي ڇاڪاڻ جو اهو اوهان لاءِ حلال آهي ۽

يتيم جو عمدو مال اوهان لاءِ حرام هئڻ جي سبب گهٽيا ۽ خبيث آهي. اُنَ زماني ۾ هينئن بہ ٿيندو هو جيئن تہ قبيلي غطفان جي هڪ ماڻهوءَ جي نگراني ۾ سندس يتيم ڀائٽي جو تمام گهڻو مال هو. جڏهن اهو يتيم بالغ ٿيو تہ پنهنجو مال طلب ڪيائين، چاچي ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. هي معاملو نبيِ ڪريم صلّى الله عليهِ والهٖ وسلّم جي بارگاهہ ۾ پيش ڪيو ويو تہ ان تي هيءَ آيت نازل ٿي. جنهن کي ٻڌي ان شخص يتيم جو مال سندس حوالي ڪري ڇڏيو ۽ چيائين تہ اسان الله ۽ رسول صلّى الله عليهِ والهٖ وسلّم جي اطاعت ڪريون ٿا ۽ گناهہِ ڪبيره کان الله جي پناهہ گهرون ٿا. حضور صلّى الله عليهِ والهٖ وسلّم فرمايو: "جيڪو پنهنجي نفس جي لالچ کان بچايو ويو ۽ پنهنجي رب جو حڪم مڃيائين تہ اهو الله جي گهر جنت ۾ ضرور داخل ٿيندو." اُنَ ڇوڪري سڄو مال خيرات ڪري ڇڏيو. رسول الله صلّى الله عليهِ والهٖ وسلّم فرمايو: "اجر ثابت ٿي ويو ۽ بارُ باقي رهجي ويو." سوال ڪيو ويو ڪيئن؟ ارشاد فرمايائون: ڇوڪري لاءِ ثواب ثابت ٿي ويو ۽ سندس پيءُ لاءِ مال جمع ڪرڻ جو بوجهہ باقي رهجي ويو. (vi) هن واقعي جي ڪري هيءَ آيتِ ڪريمہ نازل ٿي: وَ اٰتُوا الْیَتٰمٰۤى اَمْوَالَهُمْ وَ لَا تَتَبَدَّلُوا الْخَبِیْثَ بِالطَّیِّبِ ۪- وَ لَا تَاْكُلُوْۤا اَمْوَالَهُمْ اِلٰۤى اَمْوَالِكُمْؕ-اِنَّهٗ كَانَ حُوْبًا كَبِیْرًا ترجمو ڪنز العرفان: ۽ يتيمن کي سندن مال ڏيو ۽ پاڪيزه مال جي بدلي ۾ گندو مال نہ وٺو ۽ سندن مال کي پنهنجي مال ۾ ملائي کائي نہ ڇڏيو. بيشڪ اِهو تمام وڏو گناهہ آهي. (vii)

**يتيمن جا محافظ:** اسان جا پيارا نبي صلّى الله عليهِ والهٖ وسلّم اعلانِ نبوت کان اڳ بہ ڪمزورن ۽ بي آسرا ماڻهن جي مدد فرمائيندا هئا. اعلانِ نبوت کان پوءِ تہ پاڻ صلّى الله عليهِ والهٖ وسلّم نہ صرف پنهنجن اقوال سان يتيمن جي طرفداري ڪندا هئا ۽ ان جي ترغيب ڏياريندا هئا پر پنهنجي مبارڪ عمل سان بہ يتيمن کي سندن حق ڏياريندا هئا. جيئن هڪ ڀيرو ابوجهل هڪ يتيم جي پرورش جي ذميواري ڪنئي. اهو خستہ حال يتيم هڪ ڏينهن ابوجهل وٽ آيو ۽ پنهنجي مال مان ڪجهہ طلب ڪيائين. ابو جهل ڪيس ڌڪا ڏئي ڪڍي ڇڏيو. قريشن اُن يتيم کي نبي ڪريم صلّى الله عليهِ والهٖ وسلّم وٽ موڪليو تہ انهن وٽ وڃي فرياد ڪري. سندن مقصد نبيِ ڪريم صلّى الله عليهِ والهٖ وسلّم جو مذاق اڏائڻ هو پر يتيم سندن بري نيت کان اڻڄاڻ هو. ان رسول الله صلّى الله عليهِ والهٖ وسلّم کي دانهن ڏني تہ پاڻ ڪريم صلّى الله عليهِ والهٖ وسلّم يتيم سان گڏجي ابو جهل وٽ ويا. ان رسولِ ڪريم صلّى الله عليهِ والهٖ وسلّم کي ڏسندي

ئي يتيم جو مال فوراً سندس حوالي ڪري ڇڏيو. قريشن ابوجهل کي ملامت ڪئي تہ تون پنهنجي دين کان ڦري ويو آهين. ابو جهل جواب ڏنو: ”خدا جو قسم! مان پنهنجي دين کان نہ ڦريو آهيان. اصل ڳالهہ هيءَ آهي تہ مون رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم جي ساڄي ۽ کابي پاسي هڪ ڀالو ڏٺو ۽ مون کي ڊپ هو تہ جيڪڏهن مون سندن ڳالهہ نہ مڃي تہ اُهو ڀالو مون کي چيري ڇڏيندو. (viii)

حضرت بشير بن عقربہ رضي الله عنه فرمائن ٿا تہ جنگِ احد جي ڏينهن منهنجي رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم سان ملاقات ٿي تہ مون عرض ڪيو: ”منهنجي والد جو ڇا ٿيو؟“ تہ رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ”اُهي شهيد ٿي ويا آهن، الله ڪريم انهن تي رحم فرمائي.“ مون اِهو ٻڌي روئي ڏنو. رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم مون کي پڪڙيو، منهنجي مٿي تي هٿ ڦيرايو ۽ مون کي پاڻ سان گڏ پنهنجي سواريءَ تي ويهاري فرمايائون: اَمَا تَرْضٰى اَنْ اَكُونَ اَنَا اَبُوكَ وَتَكُونَ عَائِشَةُ اُمُّكَ؟ يعني ڇا تون ان تي راضي نہ آهين تہ مان تنهنجو پيءُ ۽ عائشہ تنهنجي ماءُ ٿي وڃي؟ (ix) سبحٰن الله! اسان جي پياري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم ڪهڙي نہ پنهجائپ ۽ ڪيتري قدر شفقت ۽ مهرباني جو انداز اختيار فرمايو. يقيناً ڪنهن يتيم سان ڪيو ويندڙ احسان ۽ ڀلائي جو هي واقعو پنهنجو مٽ پاڻ آهي. هيءَ حقيقت آهي تہ اسلام ۽ پيارا نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم ئي يتيمن جا مددگار، هڏڏوڪي ۽ محافظ ۽ نگهبان آهن جيڪي پنهنجن مڃيندڙن کي اهڙي انداز ۾ تعليم ارشاد فرمائي رهيا آهن.

**يتيمن ۽ قرآن ڪريم:** قرآن پاڪ ۾ يتيم ۽ ان جهڙا الفاظ ويهن کان وڌيڪ ڀيرا آيا آهن جن ۾ يتيمن جا حق، احڪام، حسن سلوڪ، مال جي حفاظت، ان ۾ ڦيرِ ڦار نہ ڪرڻ جا احڪام، سندن مال ناحق کائڻ جي وعيد، سندن ڪفالت ۽ ساڻن انصاف ڪرڻ جي تاڪيد ڪئي وئي آهي. جيئن فرمانِ باري تعاليٰ آهي: فَادْفَعُوْۤا اِلَيْهِمْ اَمْوَالَهُمْ ۚ وَ لَا تَاْكُلُوْهَاۤ اِسْرَافًا وَّ بِدَارًا اَنْ يَّكْبَرُوْا ؕ **ترجمو ڪنزالايمان:** انهن جا مالَ سندن حوالي ڪري ڇڏيو ۽ انهن کي نہ کائو حد کان وڌيڪ ۽ ان جلدي ۾ تہ متان وڏا ٿي وڃن. (x) هڪ مقام تي فرمايو ويو: اِنَّ الَّذِيْنَ يَاْكُلُوْنَ اَمْوَالَ الْيَتٰمٰى ظُلْمًا اِنَّمَا يَاْكُلُوْنَ فِيْ بُطُوْنِهِمْ نَارًا ؕ وَ سَيَصْلَوْنَ سَعِيْرًا ۠ **ترجمو ڪنز الايمان:** اُهي جيڪي يتيمن جو مال ناحق کائيندا آهن اُهي پنهنجي پيٽ ۾ صرف باهہ ڀريندا آهن. (xi)

هڪ ٻي جاءِ تي ارشاد ٿيو آهي: وَ لَا تَقْرَبُوْا مَالَ الْیَتِیْمِ اِلَّا بِالَّتِیْ هِیَ اَحْسَنُ حَتّٰى یَبْلُغَ اَشُدَّه۪ٗ-وَ اَوْفُوْا بِالْعَهْدِۚ-اِنَّ الْعَهْدَ كَانَ مَسْـٴُـوْلًا ترجمو ڪنز الايمان: ۽ يتيم جي مال جي ويجهو نه وڃو پر ان رستي سان جيڪو سڀني کان ڀلو آهي، ايستائين جو هُو پنهنجي جوانيءَ کي پهچي وڃي ۽ واعدو پورو ڪريو. بيشڪ واعدي جي باري ۾ سوال ٿيڻو آهي. (xii)

**يتيم ۽ احاديثِ نبوي:** اسان جي پياري نبي صلّى الله عليهِ واٰلهٖ وسلّم ڪهڙي نه خوبصورت طريقي سان يتيمن جي مدد ڪرڻ ۽ سندن حق ادا ڪرڻ جي ترغيب ڏياري آهي ته جيئن ماڻهو انهن کي صرف رحم جوڳو سمجهي سندن مدد نه ڪن پر الله جي رضا حاصل ڪرڻ، پنهنجا گناه بخشرائڻ، بلند درجا حاصل ڪرڻ، پنهنجي آخرت سنوارڻ ۽ جنت ۾ پياري آقا صلّى الله عليهِ واٰلهٖ وسلّم جو پاڙيسري بڻجڻ لاءِ ساڻن حسن سلوڪ ڪن. نبي ڪريم صلّى الله عليهِ واٰلهٖ وسلّم ته گهر جي سٺي يا بري هئڻ جو معيار به يتيم سان ڪيو ويندڙ سلوڪ کي بڻايو آهي. جيئن ته فرمايائون: ”مسلمانن جي گهرن ۾ بهتر گهر اُهو آهي جنهن ۾ يتيم سان سٺو سلوڪ ڪيو ويندو آهي ۽ مسلمانن جي گهرن ۾ بدترين گهر اُهو آهي جنهن ۾ يتيم سان برو سلوڪ ڪيو ويندو آهي. (xiii) حضرت مفتي احمد يار خان نعيمي رحمۃُ اللهِ علیه هن حديث پاڪ جي تحت فرمائن ٿا: يتيم سان سلوڪ جون ڪيتريون ئي صورتون آهن: ان جي پرورش، سندس کائڻ پيئڻ جو انتظام، سندس تعليم ۽ تربيت، ڪيس ديندار ۽ نمازي بڻائڻ سڀ ڪجھ ان ۾ داخل آهي. مطلب ته جهڙو سلوڪ پنهنجي ٻار سان ڪيو ويندو آهي اهڙو ئي سلوڪ يتيم سان ڪيو وڃي (۽) بري سلوڪ ۾ ذڪر ڪيل شين جي برعڪس سموريون شيون داخل آهن. (xiv) هڪ ٻي حديث پاڪ ۾ ارشاد فرمايائون: جيڪو يتيم جي مٿي تي صرف الله پاڪ جي رضا لاءِ هٿ ڦيرائي ته جيترن وارن تان سندس هٿ گذريو، هر هڪ وار جي بدلي ۾ ان شخص لاءِ نيڪيون آهن ۽ جيڪو يتيم ڇوڪريءَ يا يتيم ڇوڪري تي احسان ڪري ته مان ۽ اُهو شخص جنت ۾ (ٻن آڱرين کي پاڻ ۾ ملائي فرمايائون) هن طرح هونداسين. (xv) هي ثواب ته خالي هٿ ڦيرائڻ جو آهي، جيڪو انهن تي مال خرچ ڪري، سندن خدمت ڪري، ڪين تعليم ۽ تربيت ڏئي سوچيو ته ان جو ثواب ڪيترو هوندو. يتيم کي پاڻ سان گڏ کاڌي ۾ شريڪ ڪرڻ نه صرف کاڌي جي برڪت جو باعث آهي پر کاڌي جي شيطان کان محفوظ رهڻ جو به نسخو آهي. جيئن ته حضرت سيدنا


ابو موسيٰ اشعري رضی اللہ عنہ کان روايت آهي ته نبيءِ رحمت صلّی اللہ علیہ والہ وسلّم فرمايو: ”جنهن دسترخوان تي يتيم (کاڌي ۾ شريڪ) هوندو آهي شيطان ان دسترخوان جي ويجهو نه ويندو آهي. (xvi)

## دل جي سختي دور ڪرڻ جو طريقو:

يتيم جي مٿي تي هٿ ڦيرائڻ سان نيڪين جي حصول سان گڏوگڏ دل جي سختي به دور ٿيندي آهي ۽ حاجتون به پوريون ٿينديون آهن. جيئن حضرت سيدنا ابو درداءِ رضی اللہ عنہ کان روايت آهي ته هڪ شخص نبي ڪريم صلّی اللہ علیہ والہ وسلّم جي دربار ۾ پنهنجي دل جي سختيءَ جي شڪايت ڪئي ته رسول الله صلّی اللہ علیہ والہ وسلّم ارشاد فرمايو: ”چا تون چاهين ٿو ته تنهنجي دل نرم ٿي وڃي ۽ تنهنجون حاجتون پوريون ٿي وڃن؟ ته پوءِ يتيم تي رحم ڪندو ڪر ۽ سندس مٿي تي هٿ ڦيرائيندو ڪر ۽ پنهنجي کاڌي مان کيس کارائيندو ڪر، ائين ڪرڻ سان تنهنجي دل نرم ٿي ويندي ۽ تنهنجون حاجتون پوريون ٿي وينديون. (xvii) اڄ به اسان جي معاشري ۾ يتيم موجود آهن ۽ اسان جو فرض آهي ته اسان انهن کي تحفظ ۽ محبت فراهم ڪريون. اچو ته اسان سڀ گڏجي يتيمن جي حقن کي نروار ڪريون، يتيمن جي متعلق اسلامي تعليمات کي عام ڪريون ۽ پنهنجن عملن وسيلي الله پاڪ جي رضا حاصل ڪريون. ان ڪري جو جنهن يتيم سان همدردي ڪئي اهو الله ڪريم جو قرب ماڻيندو، سندس دل نرم ٿيندي ۽ ان جي لاءِ جنت جي خوشخبري آهي.

---

(i)پ30،الفجر:17
(ii)خازن،377/4، الفجر،تحت الآية: 17
(iii)صاوی،2/ 359، النسآء، تحت الآية: 3
(iv)خازن،342/1 النساء، تحت الآية:3
(v)پ4، النساء:2
(vi)خازن،341/1، النسآء، تحت الآية:3
(vii)پ4، النسآء:2
(viii)تفسير كبير، 11 / 301، الماعون، تحت الآية:1
(ix)مجمع الزوائد، 295/8،حديث: 13517
(x)پ4،النسآء: 6
(xi)پ4،النسآء:10
(xii)پ15،الاسراء:34
(xiii)ابن ماجہ،193/4،حديث:3679
(xiv)مرآة المناجيح،562/6
(xv)مسند احمد،272/8،حديث:22215
(xvi)معجم اوسط،230/5، حديث : 7165
(xvii)مجمع الزوائد، 293/8، حديث: 13509



# وَنگِي

مولانا اويس يامين عطاري مدني

الله پاڪ جي آخري نبي حضرت محمدِ مصطفٰي صلی اللہ علیہ والہ وسلّم جي پسنديده غذائن مان هڪ ”وَنگِي شريف“ بہ آهي. هن مبارڪ سبزي جو ذڪر قرآنِ ڪريم ۾ بہ آيو آهي. (i) هيءَ هڪ مشهور سبزي آهي جيڪا ڊگهي، سَنهي، گول ۽ مُڙيل هوندي آهي ۽ سندس رنگ هلڪو سائو هوندو آهي.

ننڍي وَنگِي حضورِ اڪرم صلی اللہ علیہ والہ وسلّم کي تمام گهڻي پسند هئي. (ii)

**نوٽ:** حديث جي ڪتابن ۾ لغت ۾ وَنگِي ۽ ڪِيري جي لاءِ مختلف الفاظ آيا آهن جيئن تہ ”القثاء، قثاء الصغار، ضغابيس، الخيار“ وغيره. شرح حديث ۽ لغتن جي وضاحتن مان هي نتيجو نڪري ٿو تہ وَنگِي ۽ ڪِيرو هڪ ئي سبزي آهن، پر قِسمن جو فرق آهي ۽ ڪجور سان ملائي ڪائڻ ۾ وَنگِي ۽ ڪِيرو ٻنهي کي مراد وٺڻ درست آهي. يعني رسول الله صلی اللہ علیہ والہ وسلّم وَنگِي يا ڪِيري کي ڪجور سان ملائي کاڌو آهي. (iii)

**وَنگِي ۾ هر بيماري کان شِفا:** حضرت ابو هريره رضی اللہ عنہ کان مروي آهي تہ رسولِ ڪريم صلی اللہ علیہ والہ وسلّم ارشاد فرمايو: ”وَنگِي کي لازمي پڪڙيو چو تہ الله پاڪ ان ۾ هر بيماريءَ کان شِفا رکي آهي.“ (iv)

**وَنگِي سان گڏ ڪجور ملائي کائڻ:** حضرت عبدالله بن جعفر رضی اللہ عنہ بيان ڪن ٿا تہ مون نبيِ ڪريم صلی اللہ علیہ والہ وسلّم کي وَنگِيءَ سان گڏ ڪجور تناول فرمائيندي ڏٺو. (v)

حضرت مفتي احمد يار خان رحمۃ اللہ علیہ فرمائن ٿا: ڪجور طبعاً گرم ۽ خشڪ آهي ۽ وَنگِي سرد ۽ تر، انهن ٻنهي جي ملڻ سان اعتدال تي فائدو وڌي ويندو آهي. حضورِ انور صلی اللہ علیہ والہ وسلّم وَنگِي ۽ ڪجور کي ڪڏهن تہ معدي ۾ جمع فرمايو يعني هڪ ئي وقت ڪڏهن ڪجور کاڌي تہ ڪڏهن وَنگِي ۽ ڪڏهن چباڙڻ ۾ جمع فرمايو تہ ڪجور وات شريف ۾ رکي ۽ وَنگِي بہ ڳترايئون ۽ ٻنهي کي ملائي چباڙيائون. ڪڏهن ڪجور ۽ هِنداڻو بہ ملائي کاڌا آهن. ڪجور ۽ وَنگِي ملائي کائڻ صحت لاءِ تمام گهڻو مفيد آهي. (vi)

**وَنگِي تي لوڻ لڳائي کائڻ:** حضرت عائشہ رضی اللہ عنہا کان مروي آهي تہ پيارا آقا صلی اللہ علیہ والہ وسلّم وَنگِي کي لوڻ سان تناول فرمائيندا هئا. (vii)

**وَنگِي ۽ ڪجور ملائي کائڻ جا فائدا:** اميرِ اهلِ سنت حضرت علامہ مولانا محمد الياس عطار قادري دامت برکاتہم العالیہ فرمائن ٿا: ڪجور

۽ ڪِيرو يا وَنگي، ۽ ڪجور ۽ هنداڻو ملائي کائڻ سنت آهي. ان ۾ ٻه حڪمتن جا مدني گل آهن. اَلْحَمْدُ لِلّٰه اسان جي عمل ڪرڻ لاءِ تہ ان جو سنت هجڻ ئي ڪافي آهي. طبيبن جو چوڻ آهي تہ هن سان جنسي ۽ جسماني ڪمزوري ۽ ڏُٻرائپ دور ٿيندي آهي (viii)

حضرت عائشہ صديقہ رضی اللہ عنھا فرمائن ٿيون: (رخصتي کان اڳ ۾ مان تمام گهڻي ڪمزور هئس) منهنجي امي جان رضی اللہ عنھا مون کي توانو ڪرڻ جي ڪوشش ڪنديون هيون تہ جيئن حضورِ اڪرم صلّی اللہ علیہ والہ وسلّم جن وٽِ موڪلي سگهن. جڏهن ڪا تدبير ڪارگر نہ ٿي تہ انهن مون کي ڪجور ۽ وَنگي ملائي کارائڻ شروع ڪئي جنهن سان مان (ڪجهہ ئي ڏينهن ۾) تَواني ٿي ويس. (ix)

## بارگاهِ رسالت ۾ وَنگيءَ جا تحفا:

حضرت ربيع بنتِ معوذ رضی اللہ عنھا فرمائن ٿيون: مان هڪ ٿالَ ۾ تازيون ڪجورون ۽ سنهن وارن واريون وَنگيون رکي حضورِ اڪرم صلّی اللہ علیہ والہ وسلّم کي تحفي ۾ پيش ڪيون تہ رسولِ ڪريم صلّی اللہ علیہ والہ وسلّم پنهنجي مُٺِ ڀري مون کي زيور يا سون عطا فرمايو ۽ فرمايائون: ”ان کي زيور ٺهرائي ڇڏ.“ (x)

هڪ صحابي جي ٻنيءَ ۾ ڊگهي وَنگي پيدا ٿي تہ انهن اها تحفي طور بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ڪئي تہ پاڻ صلّی اللہ علیہ والہ وسلّم ان جي عيوض ڪين هڪ مُٺِ ڀري سون عنايت فرمايو. (xi)

## وَنگِي ڪي گِدري تي ترجيح ڏيندا هئا:

حضرت محمد بن ابو حاتم رحمۃ اللہ علیہ بيان ڪن ٿا تہ امام بخاري رحمۃ اللہ علیہ جو هڪ زمين جو ٽڪرو هو جنهن جو پاڻ هر سال 700 درهم ڪرايو وٺندا هئا. ڪرائيدار ڪڏهن ڪڏهن امام بخاري رحمۃ اللہ علیہ لاءِ هڪ يا ٻہ ونگيون آڻيندو هو ڇوتہ امام بخاري رحمۃ اللہ علیہ کي پَڪَلَ ونگي تمام گهڻي پسند هئي ۽ پاڻ ان کي گِدري تي ترجيح ڏيندا هئا. امام بخاري رحمۃ اللہ علیہ ونگيون آڻڻ جي سبب هر سال ان شخص کي 100 درهم ڏيندا هئا. (xii)

## رسول اللّٰه صلّی اللہ علیہ والہ وسلّم جي نسبت جو ادب:

اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رحمۃ اللہ علیہ هڪ پيرو ڪٿي مدعو (يعني دعوت تي گهرايا ويا) هئا. ڪاڌو لڳايو ويو، سيني کي سرڪارِ اعليٰ حضرت رحمۃ اللہ علیہ جي ڪاڌو شروع ڪرڻ جو انتظار هو. اعليٰ حضرت رحمۃ اللہ علیہ ونگين جي ٿال مان هڪ قارَ کڻي تناول فرمائي، پوءِ ٻين، پوءِ ٽين. هاڻي ڏسندي ئي ڏسندي ماڻهن بہ ونگين جي ٿال ڏانهن پنهنجو هٿ وڌائڻ شروع ڪيو، پر پاڻ رحمۃ اللہ علیہ سيني کي روڪي ڇڏيو ۽ فرمايائون: ”سموريون ونگيون مان کائيندس.“ تنهنڪري پاڻ رحمۃ اللہ علیہ سڀ ختم ڪري ڇڏيون. حاضرين اچرج ۾ پئجي ويا تہ اعليٰ حضرت رحمۃ اللہ علیہ تہ تمام گهٽ غذا استعمال فرمائڻ وارا آهن، اڄ سموريون

ونگيون ڪيئن تناول فرمايائون! ماڻهن جي اصرار ڪرڻ تي فرمايائون: ”مون جڏهن پهرين ڦارَ ڪاڏي تہ اُها ڪوڙي هئي، ان ڪان پوءِ ٻين ۾ ڏٺين بہ ڪوڙي هئي. تنهنڪري مان ٻين کي روڪي ڇڏيو تہ متان ڪو شخص ونگي وات ۾ وِجهي ۽ ڪوڙي ڏسي ٿُو ٿُو ڪرڻ شروع ڪري ڏي. جيئن تہ ونگي کائڻ منهنجي مٺي مٺي آقا، مديني واري مصطفٰي صلّی اللہ علیہٖ والہٖ وسلّم جي سنتِ مبارڪ آهي، ان ڪري مون گوارا نہ ڪيو تہ ان کي ڪو کائي ٿُو ٿُو ڪري.“ (xiii)

**وَنگيءَ جا فائدا:** ونگيءَ جو مزاج ٻئي درجي ۾ سرد ۽ تر آهي. (xiv) ◈ ونگي هاضمي جي نظام کي نرم ۽ بهتر ڪندي آهي، جنهن سان قبضيءَ جو خطرو گهٽ ٿي ويندو آهي. ◈ ونگيءَ کي ڪاڏي کائڻ دوران بطور سلاد استعمال ڪرڻ مفيد آهي ◈ ونگي جسم مان فاسد مادا خارج ڪرڻ ۾ مددگار هوندي آهي ◈ ننڍي ونگي جنهن تي سنها سنها وارَ هجن، اها تمام نرم ۽ فائديمند هوندي آهي ◈ ونگي تيزابيت (يعني اگاڙِيءَ) لاءِ مفيد آهي ◈ ونگي کائڻ سان جگر ۽ معدي جي گرمي دور ٿيندي آهي ◈ بک لڳرائيندي آهي ◈ بلغم دور ڪندي آهي ◈ ونگيءَ ۾ پوٽاشيم جا جُزا ڪافي مقدار ۾ موجود هوندا آهن جيڪي بلڊ پريشر کي نارمل رکڻ ۾ مددگار هوندا آهن ◈ ونگي گرميءَ جي موسم جي سبزي آهي، ڪيس گرميءَ جي موسم ۾ ضرور استعمال ڪري فائدو حاصل ڪرڻ گهرجي ◈ ونگي تاسَ ختم ڪندي آهي ◈ گرميءَ جي سبب ٿيندڙ پيشاب جي تڪليف ۾ ونگي ڪٽي ان جي مٿان ليمي جي رس ۽ ڪارو لوڻ هٽي کائڻ سان اِنْ شَآءَاللّٰہ فائدو ٿيندو ◈ ونگيءَ جا هي سمورا فائدا بغير پچائڻ جي ۽ ڇِلڻ جي کائڻ ۾ آهن جوتہ ڇلڻ ۽ پچائڻ سان سندس ڪيترائي فائدا ضائع ٿي ويندا آهن. (xv)

**نوٽ:** هر غذا ۽ دوا پنهنجي ڊاڪٽر يا حڪيم جي مشوري سان ئي استعمال ڪريو. وڏيڪ هي تہ هن مضمون جي طبي تفتيش حڪيم .......... فرمائي آهي.

---

(i)ديکهيے: پ1، البقرة:61

(ii)ديکهيے: مراٰة المناجيح، 350/6

(iii)المصباح المنير،490/2، لسان العرب،343/3

(iv)کنزالعمال، جز10، 19/5، حديث:28277

(v)بخاری،540/3، حديث: 5447

(vi)ديکهيے: مراٰة المناجيح، 20/6

(vii)اخلاق النبی وآدابہ لابی الشيخ الاصبہانی، ص127، حديث:648

(viii)مدنی پنج سوره، ص356، 357

(ix)ديکهيے: ابن ماجہ، 37/4، حديث:3324-ديکهيےمراٰة المناجيح، 20/6

(x)ديکهيے: مسند امام احمد، 572/44، حديث:27023

(xi)ديکهيے: صراط الجنان، 589/7

(xii)ديکهيے: سير اعلام النبلاء، 308/10

(xiii)ديکهيے: فيضان سنت، 457/1، 458

(xiv)ديکهيے: خزائن الادويہ، 343/3

(xv)مختلف ويب سائٹ سے ماخوذ



# ٻارن جي مايوسيءَ ۾ والدين جو ڪردار

مولانا حافظ حفيظ الرحمٰن عطاري مدني

اُميد ۽ حوصلي سان زندگي گذارڻ وارو مسلمان الله ڪريم ۽ سندس رسولِ ڪريم صلَّی اللہ علیہٖ واٰلہٖ وسلَّم کي پسند آهي، جڏهن ته مايوسي اسلام ۾ ناپسنديده عمل آهي. الله پاڪ پنهنجي رحمت کان مايوس ٿيڻ کان سختي سان منع فرمايو آهي، جيئن ارشاد ٿيو: ﴿لَا تَقْنَطُوْا مِنْ رَّحْمَةِ اللّٰهِؕ﴾

ترجمو ڪنزالايمان: الله جي رحمت کان مايوس نه ٿجو. (پارو 24، الزمر: 53)

هن مان معلوم ٿئي ٿو ته مايوسي اسلام جي نظر ۾ هڪ ناپسنديده ڪيفيت آهي جنهن کان ننڍن وڏن سيني کي بچڻ گهرجي. مايوسيءَ جا سبب ننڍن ۽ وڏن ۾ مختلف ٿي سگهن ٿا ۽ ان کي ختم ڪرڻ جا طريقا به ٻنهي لاءِ مختلف ٿي سگهن ٿا.

اسان هن مضمون ۾ ٻارن جي مايوسيءَ جا سبب ۽ انهن کي ختم ڪرڻ جي طريقن تي ڳالهائينداسين.

جڏهن ٻارن جي چهري، لهجي يا حرڪتن ۽ خاموشيءَ مان مايوسيءَ جا آثار ظاهر ٿين ته اهڙي وقت ۾ والدين جو ڪردار نهايت اهم هوندو آهي. جيڪڏهن والدين دانشمندي، صبر ۽ محبت سان ٻارن جي رهنمائي ڪن ته ٻار جي مايوسي ختم ٿي سگهي ٿي ۽ اُهي ٻيهر اعتماد سان تعليم ۽ ٻين ڪمن ڏانهن متوجهه ٿي سگهن ٿا.

## ٻارن جي مايوسيءَ جا سبب ۽ انهن جو حل:

ڪڏهن ڪڏهن ٻار اسڪول يا مدرسي مان مايوس ٿي گهر موٽندا آهن. ان جا مختلف سبب ٿي سگهن ٿا.

**تعليمي ڪمزوري:** پهريون سبب تعليمي ڪمزوري آهي. ڪجهه ٻار پڙهائي ۾ ٻين ٻارن جي نسبت ڪمزور هوندا آهن، تنهنڪري اهي سبق کي چڱي طرح سمجهي نه سگهندا آهن. جڏهن اهي بار بار ڪوشش جي باوجود ڪاميابي حاصل نه ڪري سگهندا آهن ته سندن دل ۾ مايوسي پيدا ٿي ويندي آهي.

**حل:** اهڙي صورت ۾ والدين کي گهرجي ته غصو يا ڪاوڙ ڪرڻ جي بجاءِ نرمي، شفقت ۽ سمجهداري کان ڪم وٺن. ٻار سان پيار سان ڳالهائن، سندس ڳالهه پوري توجهه سان ٻڌن، ٻار کي تسلي ڏين ۽ ڪيس سمجهائن ته ڪمزوري يا ناڪامي تي مايوس ٿيڻ جي بدران محنت ۽ ڪوشش

جاري رکو ۽ الله پاڪ کان دعا گهرو ته مشڪل آسان ٿئي.

امتحان ۾ ناڪامي: ٻيو اهم سبب امتحان ۾ ناڪامي يا گهٽ مارڪون اچڻ آهي. تعليمي نظام ۾ امتحانن کي تمام گهڻي اهميت ڏني ويندي آهي، تنهنڪري جڏهن ٻار جون مارڪون گهٽ اينديون آهن ته ڪيس شرمندگي ۽ مايوسيءَ جو احساس ٿيندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن استادن جي سختي يا دڙڪو دهمان وغيره به ٻار جي دل کي متاثر ڪندو آهي، خاص طور تي جڏهن ٻار جي طبيعت حساس (Sensitive) هجي.

**حل:** اهڙي صورت ۾ والدين کي گهرجي ته ٻار جي ناڪاميءَ جي سببن تي غور ڪري انهن کي دور ڪن. جيڪڏهن ٻار ڪنهن مضمون ۾ ڪمزور آهي ته سندس مدد ڪن، ان جي لاءِ اضافي وقت ڪڍن، ڪيس آسان انداز ۾ سمجهائن يا ڪنهن سٺي استاد کان رهنمائي ڏيارن گڏوگڏ ٻار جي حوصله افزائي ڪن ۽ سندس ننڍين ننڍين ڪاميابين تي به تعريف ڪن.

هم ڪلاسين جو رويو: اهڙي طرح ڪجهه ٻار پنهنجن ساٿين جي رويي جي سبب به مايوسي جو شڪار ٿي ويندا آهن. جيڪڏهن هم جماعت ٻار سندن مذاق اڏائن يا ڪيس گهٽ سمجهن ته سندن دل ۾ احساسِ ڪمتري پيدا ٿي ويندو آهي.

**حل:** اهڙي صورت ۾ والدين ٻار کي هي احساس ڏيارين ته ٻين جي مذاق اڏائڻ يا بري رويي سان ڪنهن جو قدر ۽ قيمت گهٽ نه ٿيندي آهي. ان کان علاوه ٻار کي حوصلو ڏيو ته هُو صبر ۽ بهتر اخلاق سان ٻين سان مُنهُن ڏي. جيڪڏهن مسئلو اجان وڌيڪ وڌي وڃي ته استادن يا اسڪول / مدرسي جي انتظاميه سان به ڳالهائجي ته جيئن ٻارن جي وچ ۾ بهتر ماحول جُڙي سگهي.

هوم ورڪ جو بارُ: ڪڏهن ڪڏهن اسڪول جو ماحول، گهڻو هوم ورڪ يا راندين وغيره جا موقعا گهٽ هئڻ به ٻار جي دل ۾ بُوسٽ ۽ بيچيني پيدا ڪري ڇڏيندو آهي.

**حل:** اهڙي صورتحال ۾ والدين ٻار جي لاءِ آسانيون پيدا ڪن، ڪين مناسب وقت ڏين، پڙهائيءَ سان گڏوگڏ راند روند ۽ آرام جو به موقعو ڏين، چوته کيڏڻ سان ٻار جو ذهن تازو ٿيندو آهي ۽ سندس طبيعت خوشگوار رهندي آهي. جيڪڏهن واقعي هوم ورڪ ضرورت کان وڌيڪ هجي يا ٻار تمام گهڻو دباءُ محسوس ڪري رهيو هجي ته والدين استادن سان نرمي سان ڳالهه ٻولهه ڪري مناسب حل ڪڍن.

ڪڏهن ڪڏهن ٻار جي مايوسيءَ ۾ اسڪول ۽ مدرسي جو عمل دخل نه هوندو آهي پر ڪجهه ٻيا سبب ٿي سگهن ٿا جن جي ڪري ٻار مايوسيءَ جو شڪار ٿي

ويندو آهي.

گهريلو ماحول جو خراب هجڻ: جيڪڏهن گهر ۾ والدين جي وچ ۾ جهڳڙا ٿيندا هجن، سختي گهٽي هجي يا پيار کي محبت ۽ توجهه نہ ملي تہ هُو اندر ئي اندر پريشان ۽ مايوس ٿي ويندو آهي.

**حل:** اهڙي صورتحال ۾ والدين کي گهرجي تہ گهر جو ماحول پر سڪون ۽ محبت ڀريو بڻائن. ٻارن جي سامهون جهڳڙو ڪرڻ کان بچن.

وڏن جي طرفان حد کان وڌيڪ اميدون رکڻ : ڪڏهن ڪڏهن والدين يا وڏا ٻارن کان اهڙيون توقعات رکندا آهن جيڪي سندن وَسَ کان ٻاهر هونديون آهن. جڏهن ٻار پاڻ کي انهن اميدن تي پورو لهندو نہ ڏسندو آهي تہ هُو پاڻ کي ناڪام سمجهي مايوس ٿي ويندو آهي.

**حل:** اهڙي حالت ۾ والدين کي گهرجي تہ ٻار جي صلاحيت ۽ عمر کي ڏسي توقعات رکن. کيس آهستي آهستي ترقي ڪرڻ جو موقعو ڏين ۽ ان تي غير ضروري دٻاءُ نہ وجهن.

مسلسل دڙڪا دَهمان ۽ تنقيد: جيڪڏهن ٻار جي هر ڳالهہ تي تنقيد ڪئي وڃي ۽ سندس حوصلہ افزائي نہ ڪئي وڃي تہ هُو مايوسيءَ جو شڪار ٿي ويندو آهي.

**حل:** اهڙي صورتحال ۾ والدين کي گهرجي تہ مسلسل دڙڪا دَهمان نہ ڏين، نرمي ۽ حڪمت سان اصلاح ڪن. صرف غلطين تي نظر نہ رکن پر سندس چڱاين جي بہ تعريف ڪن تہ جيئن سندس حوصلو بلند رهي.

جسماني يا ذهني ڪمزوري: ڪجهہ ٻارن جي طبيعت ڪمزور هوندي آهي يا اهي جلدي ٿڪجي پوندا آهن. ان ڪري هو ٻين ٻارن وانگر ڪيڏي يا پڙهي نہ سگهندا آهن جنهن ڪري دل برداشتہ ۽ مايوس ٿي ويندا آهن.

**حل:** جيڪڏهن ٻار جسماني يا ذهني ڪمزوريءَ جي وجهہ کان مايوس هجي تہ والدين کي گهرجي تہ تعليم جو غير ضروري دٻاءُ گهٽ ڪن ۽ ٻار جي صحتمند ٿيڻ تائين سندس کائڻ، پيئڻ ۽ آرام تي خاص توجهہ ڏين ۽ جيڪڏهن ضرورت محسوس ٿئي تہ ڊاڪٽر يا استاد سان مشورو ڪن.

محترم والدين! ٻارن جي مايوسيءَ جو سبب ڪهڙو بہ هجي، توهان کي پنهنجو بهترين ڪردار ادا ڪرڻو آهي.

الله پاڪ اسان کي ۽ اسان جي ٻارن کي مايوسيءَ کان محفوظ فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صلَّی اللہ علیہ والہٖ وسلَّم



# اسلامي ڀينرن جا شرعي مسئلا

مفتي ابو محمد علي اصغر عطاري مدني

## (1): زال جي اجازت کان سواءِ ان جي طرفان قرباني ڪرڻ

**سوال:** علماءِ ڪرام هن مسئلي جي باري ۾ ڇا ٿا فرمائن ته منهنجي زال صاحبِ نصاب هجڻ جي باوجود قرباني نه ڪري رهي آهي. مون کيس سمجهايو به آهي، پر هُوءَ نه مڃي رهي آهي. مون کيس اِهو به چيو ته پوءِ مان تنهنجي طرفان قرباني ڪري ڇڏيندس. اُن تي به هُوءَ راضي نه ٿي رهي آهي ڇوته مان اڳواٽ ئي ڪيترن ماڻهن جو مقروض آهيان، تنهنڪري هُوءَ مون کي منع ڪري رهي آهي. منهنجو ارادو آهي ته مان پنهنجي گهَرواريءَ کي ٻڌائڻ کان سواءِ ئي سندس طرفان قرباني ڪري ڇڏيان. جيڪڏهن مان ائين ڪريان ته ڇا منهنجي زال جي طرفان قرباني ادا ٿي ويندي يا نه؟

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

اَلۡجَوَابُ بِعَوۡنِ الۡمَلِكِ الۡوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الۡحَقِّ وَالصَّوَابِ

ٻئي شخص جي طرفان قرباني ڪرڻ جي لاءِ اُن ٻئي شخص جي اجازت ضروري آهي، پوءِ اُها اجازت صراحتاً يعني واضح لفظن ۾ هجي يا دلالةً يعني Under stood سمجهه ۾ ايندڙ هجي. جيڪڏهن ڪنهن جي طرفان واضح انڪار هجي ته قرباني نه ٿيندي. تنهنڪري پڇا ڪيل صورت ۾ به اوهان جي زال جي طرفان صراحتاً يا دلالةً اجازت موجود نه آهي، پر واضح لفظن ۾ منع ڪري رهي آهي. تنهنڪري زال جي اجازت کان سواءِ ان جي طرفان قرباني ڪرڻ جي صورت ۾ سندس واجب ادا نه ٿيندو.

(فتاویٰ هنديه، 302/5 - ردالمحتار، 524/9 - فتاویٰ رضويه، 453/20 - بهارِ شريعت، 350/3 - ابلق گهوڙي سوار، ص9)

وَاللهُ اَعۡلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوۡلُهٗ اَعۡلَم صلَّی اللهُ عليه واٰلهٖ وسلَّم

## (2): مخصوص ڏينهَن ۾ احرام جي نيت ۽ ٻين مناسڪِ حج جو مسئلو

**سوال:** ڇا ٿا فرمائن علماءِ ڪرام هن مسئلي جي باري ۾ ته هڪ عورت حجِ تمتع لاءِ آئي، عمرو ڪري احرام کولي چڪي هئي. 8 ذي الحج تي اُن عورت کي ماهواري شروع ٿي وئي آهي. ته ڇا هُوءَ انهن ئي ماهواري جي ڏينهن ۾ حج جي

احرام جي نيت ڪري مِنيٰ، عرفات وغيره وڃي سگهي ٿي؟ شرعي رهنمائي فرمايو.

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

اَلۡجَوَابُ بِعَوۡنِ الۡمَلِكِ الۡوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الۡحَقِّ وَ الصَّوَابِ

حج جو احرام ٻڌڻ وقت عورت حائضه ٿي وڃي ته اُها به ٻين حاجين وانگر حج جي احرام جي نيت ڪري مِنيٰ رواني ٿيندي. سنت هيءَ آهي ته عام حجاج وانگر نظافت جي خاطر غسل ڪري پوءِ نيت ڪري. جيتوڻيڪ اصل غسل ڪيس پاڪائيءَ جي وقت ڪرڻو پوندو، اهڙي عورت طوافِ زيارت کان سواءِ سمورا افعالِ حج ادا ڪندي. طوافِ زيارت پاڪ ٿيڻ کان پوءِ ادا ڪندي.

(تنوير الابصار متن درِ مختار، 630/3 – حاشية الطحطاوی على الدر المختار، 513/1 – فتاویٰ فقيه ملت، 357/1)

وَاللّٰهُ اَعۡلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوۡلُهٗ اَعۡلَم صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم





مولانا اويس يامين عطاري مدني

# حضرت عبد اللّٰہ بن سائب رضی اللہ عنہما

ننڍڙي عمر ۾ جن خوش نصيب شخصيتن کي الله پاڪ جي آخري نبي حضرت محمدِ مصطفٰيٰ صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم جو صحابي هئڻ جو شرف حاصل ٿيو، انهن ۾ حضرت عبدالله بن سائب رضی اللہ عنہما بہ شامل آهن. اچو تہ سندن ننڍپڻ جي مختصر سيرت پڙهي پنهنجين دلين کي محبتِ صحابہ ڪرام سان روشن ڪريون:

**مختصر تعارف:**

سندن شمار ننڍي عمر وارن اصحابن ۾ ٿئي ٿو. پاڻ صحابيءِ رسول حضرت سائب بن ابوسائب رضی اللہ عنہ جا پٽ آهن ۽ قاريءِ مڪ آهن. پاڻ فتح مڪ جي موقعي تي اسلام قبول ڪيائون.[i]

**تعدادِ روايات:**

انهن کان 7 احاديثِ مبارڪ مروي آهن.[ii]

**حضور صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم جي پٺيان فجر جي نماز پڙهيائون:**

هڪ روايت ۾ پاڻ رضی اللہ عنہ فرمائن ٿا تہ رسولِ ڪريم صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم اسان کي مڪي مڪرمہ ۾ فجر جي نماز پڙهائي. سورت مؤمنون شروع ڪيائون، ايسيتائين جو حضرت موسيٰ ۽ حضرت هارون يا حضرت عيسيٰ جو ذڪر آيو تہ حضورِ اڪرم صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم کي کنگھ آئي ۽ پاڻ صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم رڪوع فرمائي ڇڏيو.[iii]

مشهور مفسر حضرت مفتي احمد يار خان رحمۃُ اللہ علیہ فرمائن ٿا: يعني فتح مڪ جي ڏينهن پاڻ (صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم) فجر جي نماز ۾ قرائت اجان وڌيڪ ڪرڻ چاهن پيا پر وچ ۾ کنگھ اچڻ سبب رڪوع فرمائي ڇڏيائون، يعني جيڪڏهن امام کي نماز جي دوران ڪو حادثو پيش اچي وڃي جنهن جي ڪري هُو ڊگهي قرائت نہ ڪري سگهي تہ رڪوع ڪري ڇڏي.[iv]

**وصال مبارڪ:**

پاڻ رضی اللہ عنہما 70 هجري کان پوءِ مڪي مڪرمہ ۾ صحابيءِ رسول حضرت عبد الله بن زبير رضی اللہ عنہما جي شهادت کان پهريان وفات ڪيائون.[v]

الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي. اٰمِيْن بِجَاهِ خاتَمِ النّبِيّٖن صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

---

(i) طبقات ابنِ سعد، 4/6-سيراعلام النبلاء، 477/4

(ii) خلاصة تذہيب تہذيب الكمال، ص198

(iii) مسلم، ص190، حديث: 1022- مشكاة المصابيح، 175/1، حديث: 837

(iv) ديكھئے:مرأة المناجيح، 53/2

(v) تاريخ الاسلام للذهبى، 147/5- الاستيعاب فى معرفة الاصحاب، 47/3





# حضرت عثمان غني رضی اللہ عنہ جا 10 اوصاف

مولانا عمر فياض عطاري مدني
(ذميدار شعبو دعوت اسلامي جا شب و روز، المدينة العلميه ڪراچي)

اسلامي تاريخ ۾ ڪجهه شخصيتون اهڙيون آهن جن جي زندگي قيامت تائين انسانيت لاءِ مشعلِ راهه بڻجي ويندي آهي. انهن عظيم هستين ۾ هڪ نالو حضرت عثمان بن عفان رضی اللہ عنہ جو به آهي. پاڻ اسلام جا ٽيان نمبر خليفا، جليل القدر صحابي ۽ انهن خوش نصيب صحابه ۾ شامل آهن جن کي دنيا ۾ ئي جنت جي بشارت ڏني وئي. هُونئن ته سندن سوين وصفون آهن جن کي تحرير ۾ قيد ڪرڻ مشڪل آهي، پر هتي سندن ڏهه منتخب اوصاف ملاحظه ڪريو:

**(1): پيڪرِ حيا:** ”شرم ۽ حيا“ حضرت عثمان غني رضی اللہ عنہ جي ذات پاڪ جو استعارو ۽ سڃاڻپ آهي. پاڻ هن امت ۾ سيني کان وڌيڪ با حيا آهن، ايتريقدر جو ملائڪ به ڪانئن حيا ڪندا آهن. جيئن ته حضرت ابو قلابه رضی اللہ عنہ فرمائن ٿا: حضور صلّی اللہ علیہ والہ وسلّم فرمايو: منهنجي امت ۾ حيا جي لحاظ کان سيني کان وڌيڪ صادق، عثمان آهن. (i) هڪ ٻي طويل حديث شريف ۾ آهي ته حضور صلّی اللہ علیہ والہ وسلّم فرمايو: مان ان شخص کان ڪيئن حيا نه ڪريان جنهن کان ملائڪ به حيا ڪندا آهن. (ii)

سندن شرم ۽ حيا جو اِهو عالَم هو ته پاڻ غسل خاني ۾ به تهبند (گوڏِ) ٻڌي غسل ڪندا هئا. (iii)

**(2): بيمثال سخاوت:** حضرت عثمان غني رضی اللہ عنہ انتهائي سخي ۽ فياض هئا. اسلام جي ابتدائي دور ۾ جڏهن مسلمانن کي مالي پريشانيون هيون ته پاڻ کُليءَ دل سان مدد ڪيائون. غزوهءِ تبوڪ جي موقعي تي پاڻ 950 اُٺ، 50 گهوڙا ۽ 1000 اشرفيون پيش ڪيائون، بعد ۾ 10،000 اشرفيون وڌيڪ پيش ڪيائون. (iv) اهڙي طرح مديني ۾ مسلمانن لاءِ پاڻي جي کوٽ هئي ته پاڻ بئرِ رومه خريد ڪري مسلمانن لاءِ وقف ڪري ڇڏيائون. عهدِ صديقي ۾ هڪ ڀيرو ڏُڪار پئجي ويو ته حضرت عثمان غني رضی اللہ عنہ ڪاڌي پيتي جي شين سان ڀريل هڪ هزار اُٺ مسلمانن تي صدقو ڪري ڇڏيا.

**(3): عبادت گذاري ۽ تقويٰ:** عبادت گذار ته اهڙا هئا جو ڏينهن جو نفلي روزا

رکندا هئا ۽ صرف رات جي شروعاتي حصي ۾ آرام ڪندا هئا، پوءِ اتي سڄي رات عبادت ۾ مصروف رهندا هئا. (v) قرآن جا عاشق اهڙا جو هڪ رڪعت ۾ ختمِ قرآن ڪري ڇڏيندا هئا. (vi) جنهن وقت ڪين شهيد ڪيو ويو، ان وقت بہ پاڻ قرآن پاڪ جي تلاوت فرمائي رهيا هئا. (vii) سندن تقويٰ ۽ فڪرِ آخرت اهڙو هو جو عشره مبشره (ڏهن جنتي صحابن) ۾ شامل هئڻ ۽ دنيا ۾ ئي ڪيترائي ڀيرا مالڪِ جنت رسولِ مڪرم صلّى الله عليهِ والهٖ وسلّم جي زبان اقدس مان جنت جي بشارت ملڻ جي باوجود بہ جڏهن ڪنهن قبر جي پرسان بيهندا هئا تہ خوفِ خدا جي سبب ايترو تہ روئندا هئا جو سندن ڏاڙهي مبارڪ ڳوڙهن سان آلي ٿي ويندي هئي. (viii)

**(4): جامع القرآن:** حضرت عثمان غني رضی اللہ عنہ جو هڪ عظيم ترين ڪارنامو قرآن کي جمع ۽ محفوظ ڪرڻ آهي، ان ڪري ڪين **جامع القرآن** چيو ويندو آهي. سندن مبارڪ دور ۾ اسلام پري پري تائين پکيڙجي چڪو هو، مختلف قبيلن ۽ قومن جو پنهنجي پنهنجي طِرز ۽ لب و لهجي ۾ قرآن پاڪ پڙهڻ سان هڪ نئين صورتحال پيدا ٿي رهي هئي. حضرت سيدنا عثمان غني رضی اللہ عنہ قرآن مجيد جي حفاظت ۽ امتِ مسلمہ کي اختلاف کان بچائيندي حضرت صديق اڪبر رضی اللہ عنہ جو جمع ڪيل نسخو حضرت سيدتنا حفصہ رضی اللہ عنہا جي گهران گهرائي اُن جا ڪيترائي نسخا تيار ڪرايا ۽ انهن کي اسلامي رياست ۾ پهچائي ڇڏيو. اهڙي طرح سموري امت کي قرآن مجيد جي هڪ ئي نسخي تي جمع ڪري ڇڏيائون. (ix) هن قدم جي بدولت قرآن اڄ تائين هڪ ئي شڪل ۾ محفوظ آهي. هن ئي نسخي کي تاريخ ۾ **مصحفِ عثماني** جي نالي سان ياد ڪيو ويندو آهي.

**(5): ذوالنُورين:** هي سندن اهڙو وصف آهي جيڪو انهن کان سواءِ دنيا ۾ ٻيو ڪنهن کي بہ نہ مليو جو حضورِ اڪرم صلّى الله عليهِ والهٖ وسلّم جون هڪٻئي پٺيان ٻہ نياڻيون سندن نڪاح ۾ آيون. پاڻ رضی اللہ عنہ کان علاوه دنيا ۾ ڪنهن بہ شخص جي نڪاح ۾ ڪنهن نبي جون ٻہ نياڻيون نہ آيون آهن، ان ڪري ڪين ذوالنورين بہ چيو ويندو آهي.

**(6): خدمتِ خلق:** حضرت عثمان غني رضی اللہ عنہ جي شخصيت ”خدمتِ خلق“ جو اهو روشن منارو آهي جنهن جو مثال انساني تاريخ ۾ ملڻ مشڪل آهي. جڏهن مسلمان مديني ڏانهن هجرت ڪري آيا تہ اتي ڪين پاڻي جي سخت کوٽ سان مُنهُن ڏيڻو پيو، جڏهن تہ اتي هڪ يهودي تمام مهانگي قيمت تي پاڻي وڪڻندو هو. پاڻ اُهو **رومہ** نالي کوهہ **35,000 درهم** ۾

خريد ڪري وقف ڪري ڇڏيائون. (x) ان سان گڏوگڏ پاڻ رضي الله عنه هر جمعي تي هڪ غلام آزاد ڪندا هئا، جيڪڏهن ڪنهن جمعي تي رهجي ويندو هو ته ايندڙ جمعي تي ٻه غلام آزاد ڪندا هئا. (xi)

**(7): صبر ۽ استقامت:** حضرت عثمان غني رضي الله عنه جو صبر ۽ استقامت به اسلامي تاريخ جو هڪ بيمثال باب آهي. حضرت عثمان غني رضي الله عنه جي چاچي حَڪَم بن ابي العاص اسلام قبول ڪرڻ جي سبب ڪين رسين سان ٻڌي ڇڏيو ۽ سخت تشدد ڪندي دينِ اسلام ڇڏڻ جو چيو ته پاڻ ڪيس صاف صاف چئي ڇڏيائون: ”مان دينِ اسلام کي ڪڏهن به نه ڇڏيندس ۽ نه ئي ڪڏهن ان کان جدا ٿيندس.“ (xii) پاڻ پهريان حبشه ڏانهن ۽ پوءِ مديني منوره ڏانهن هجرت ڪئي. پنهنجو گهر ٻار، مال و دولت ۽ ڪاروبار وغيره سڀ ڪجهه الله جي خاطر ڇڏي ڏيڻ ۽ اجنبي علائقن ۾ قيام ڪرڻ سندن صبر ۽ رضا جو چٽو ثبوت هو. خلافت جي آخري ڏينهن ۾ باغين مديني منوره جو گهيرو ڪري ڇڏيو. پاڻ رضي الله عنه وٽ طاقت هئي، جانثار صحابه ۽ غلام وڙهڻ لاءِ تيار هئا، پر پاڻ سختيءَ سان منع ڪري ڇڏيائون ته ”مان نه ٿو چاهيان ته منهنجي ڪري شهرِ رسول صلّى الله عليهٖ وآلهٖ وسلّم ۾ رت جو هڪ قطرو به ڪِري.“ باغين سندن گهر جو پاڻي بند ڪري ڇڏيو (اُهي ئي عثمان جن مديني وارن کي پاڻي پيارڻ لاءِ کوهه خريد ڪيو هو، اڄ پاڻيءَ کان محروم هئا). پاڻ هن تڪليف کي خاموشي ۽ صبر سان برداشت ڪيائون، ايتري تائين جو شهيد ڪيا ويا.

**(8): سادگي:** حضرت عثمان غني رضي الله عنه عرب جا امير ترين تاجر هئڻ جي باوجود انتها درجي جا سادا ۽ منڪسر المزاج هئا. پاڻ سادو لباس زيبِ تن فرمائيندا هئا. (xiii) ڪائڻ ۾ سندن سادگي اهڙي هئي جو ماڻهن کي اميرن وارو کاڌو کارائيندا هئا ۽ پاڻ گهر وڃي سرڪي ۽ زيتون تي گذارو ڪندا هئا. (xiv)

**(9): عاجزي ۽ انڪساري:** خلافت جي منصب تي فائز هئڻ جي باوجود پاڻ رضي الله عنه جي زندگي ۾ ڪو پروٽوڪول يا شاهانه ٺٺ ٺانگر نه هو. سندن دورِ خلافت ۾ اسلامي سلطنت ايران کان وٺي آفريقا تائين ڦهلجي چڪي هئي، پر سندن طرزِ زندگي اُهو ئي رهيو جيڪو مڪي جي هڪ عام مسلمان جو هو. پاڻ اڪثر مسجدِ نبوي جي ڪچي فرش تي آرام فرمائيندا هئا، جنهن جي ڪري سندن جسم تي پٿرين جا نشان پئجي ويندا هئا. ڪڏهن ڪڏهن مٽيءَ جي ڍيري کي وهاڻو ڪري سُمهي پوندا هئا.

**(10): نفيس طبيعت جا مالڪ:** پاڻ رضي الله عنه طبعاً سچا، ايماندار ۽ نفيس

طبيعت جا مالڪ هئا. پاڻ رضی اللہ عنہ زمانهٔ جاهليت ۾ به ڪڏهن شراب نه پيتو، نه ڪڏهن بدڪاريءَ جي ويجهو ويا، نه ڪڏهن چوري ڪيائون، نه ڪڏهن راڳ ڳايو ۽ نه ئي ڪڏهن ڪوڙ ڳالهايائون. (xv)

حضرت عثمان غني رضی اللہ عنہ جي سيرت اسان کي هي پيغام ڏئي رهي آهي ته اقتدار، دولت ۽ مقام جي باوجود عاجزي، تقويٰ ۽ خدمتِ خلق کي ڪڏهن به نه ڇڏڻ گهرجي. پاڻ پنهنجي سموري زندگي اسلام جي خدمت ۽ امت جي فلاح لاءِ وقف ڪري ڇڏيائون. اڄ جي دور ۾ جڏهن معاشرو مختلف اخلاقي ۽ سماجي مسئلن جو شڪار آهي، حضرت عثمان رضی اللہ عنہ جي زندگي اسان لاءِ هڪ روشن مثال بڻجي سگهي ٿي. جيڪڏهن اسان سندن حيا، سخاوت، صبر ۽ عدل جهڙين صفتن کي پنهنجي زندگي تي لاڳو ڪريون ته نه صرف اسان جي انفرادي زندگي بهتر ٿي سگهي ٿي پر معاشرو به امن، محبت ۽ اخوت جو مرڪز بڻجي سگهي ٿو.

---

(i)مصنف ابن ابی شیبہ، 77/17،حدیث:32691
(ii)مسلم،ص1004، حدیث: 6209
(iii)مسند امام احمد، 160/1، حدیث: 543
(iv)مراٰۃ المناجیح، 395/8
(v)الزھد لامام احمد،ص156،رقم:688
(vi)معجم کبیر،87/1،حدیث: 130
(vii)معجم ابن الاعرابی، ص370
(viii)ترمذی، 138/4، حدیث:2315
(ix)دیکھیے:سنن کبریٰ للبیہقی،61/2، حدیث:2374
(x)معجم کبیر، 41/2، حدیث:1226
(xi)تاریخ ابن عساکر، 28/39
(xii)تاریخ ابن عساکر، 26/39ملخصاً
(xiii)دیکھئے: معرفۃ الصحابہ، 79/1
(xiv)الزھدلامام احمد، ص 155،رقم: 684
(xv)الریاض النضرۃ،33/2،تاریخ ابن عساکر، 27/39، 225

# ڇوڪرَن ۽ ڇوڪرِين جا 6 نالا

سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ماڻهو پنهنجي اولاد کي سڀ کان پهريون تحفو نالي جو ڏيندو آهي، تنهنڪري پنهنجي اولاد جا سنا نالا رکو. (جمع الجوامع ، 3/ 285، حديث : 8875)

هتي ڇوڪرَن ۽ ڇوڪرِيُن جا 6 نالا، انهن جي معنيٰ ۽ سندن نسبتون پيش ڪجن ٿيون.

| ڇوڪِرَن جا 3 نالا | | | |
|---|---|---|---|
| نالو | پُڪارڻ جي لاءِ | معنيٰ | نسبت |
| محمد | باقِر | علم جا گهَرا راز کولڻ وارو | اهلِ بيت جي چشم و چراغ جو لقب |
| محمد | وارِث | مددگار ، حمايتي | مشهور صوفي بُزرگ حضرتِ سيِّدُنا وارث شاهہ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو مبارڪ نالو |
| محمد | مظفر | ڪاميابي | امامِ علم و فن خواجہ مظفر حسين رضوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو مبارڪ نالو |

| ڇوڪِرِيُن جا 3 نالا | | |
|---|---|---|
| نالو | معنيٰ | نسبت |
| أمَامہ | ارادو ڪرڻ واري | رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ڏوهِٽيءَ جو با برڪت نالو |
| سائِرہ | سير ڪرڻ واري | صحابيہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جو با برڪت نالو |
| رابِعہ | شفقت ڪرڻ واري | مشهور وليہ خاتون رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهَا جو بابرڪت نالو |

(جن جي گهر ۾ پُٽ يا ڌيءَ جي ولادت ٿي آهي تہ أهي چاهن تہ انهن نسبت وارن نالن مان ڪو بہ هڪ نالو رکي ڇڏين)

## بد نظري ۽ سُورَ جو روحاني علاج

يَا حَيُّ يَا قَيُّومُ 786 ڀيرا

ڪاغذ تي لکي (يا لکرائي تعويذ وانگر) ويڙهي پلاسٽڪ ڪوٽنگ ڪرائي ريگزين يا ڪپڙي وغيره ۾ سلائي ڪرائي ٻانهن تي ٻڌو يا ڳلي ۾ پائي ڇڏيو. اِنْ شَآءَ الله الکريم نظرِ بد جو اثر ختم ٿي ويندو.

جنهن جي هٿن يا پيرن ۾ سُورُ هجي، ته ان جي لاءِ به هي تعويذ اِنْ شَآءَ الله الکريم مفيد آهي. (مدني پنج سوره، ص 251)



## گھر ۾ جھيڙا ٿيندا هجن ته



يَا وَدُوْدُ يَا سَلَامُ

هر نماز کان پوءِ روزانو 100 ڀيرا پڙهو. اِنْ شَآءَ الله الکريم گهر ۾ محبت ڀري فضا قائم ٿي ويندي.

(اول ۽ آخر ۾ هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهڻو آهي، مراد حاصل ٿيڻ تائين وظيفو جاري رکڻو آهي)

اميرِ اهلِ سنت مولانا الياس عطار قادري

24 رمضان ڪريم 1446هه-25-3-25



## جڏهن ڪا شيءِ غمگين ڪندي هجي ته

الله پاڪ جا سڀني کان آخري نبي صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هي دعا پڙهندا هئا:

يَا حَيُّ يَا قَيُّومُ بِرَحْمَتِكَ اَسْتَغِيْثُ

(يعني: اي هميشه زنده رهڻ وارا! اي هميشه قائم رهڻ وارا! مان تنهنجي رحمت کان مدد جو طلبگار آهيان)

(ترمذي، 311/5، حديث: 3535)

رنج ۽ غم دور ڪرڻ لاءِ فجر جي سنت ۽ فرض جي وچ ۾ 40 ڀيرا پڙهڻ مفيد آهي ۽ مقروض روزانو ڪنهن به وقت ڏينهن ۾ 100 ڀيرا پڙهي ته ڪيس قرض کان ڇوٽڪارو ملي ويندو، اِنْ شَآءَ الله الکريم

اميرِ اهلِ سنت مولانا الياس عطار قادري

28 رمضان ڪريم 1446هه 25-3-29



## مرادون پوريون ٿين

يَا رَحْمٰنُ 11 ڀيرا

(اول ۽ آخر هڪ ڀيرو درود شريف)

فرض يا نفلي روزو کولڻ وقت سج لهڻ کان ٿورو وقت پهريان پيشانيءَ تي هٿ رکي پڙهو ۽ وقت ٿيڻ تي افطار ڪري ڇڏيو. اِنْ شَآءَ الله الکريم دل جي مراد پوري ٿيندي.

اميرِ اهلِ سنت مولانا الياس عطار قادري

8 رمضان 1446هه 25-3-9



# دعوتِ اسلامي
## قربانيءَ جي کلن جو ڇا ڪندي؟

اَلْحَمْدُلِلّٰه! عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم ”دعوتِ اسلامي“ سڄي دنيا ۾ دينِ متين جي خدمت ۾ مشغول آهي. هر ايندڙ ڏينهن ان جي ديني خدمتن جي ڪمن ۾ واڌارو ٿي رهيو آهي ۽ اَلْحَمْدُلِلّٰه! پاڪستان ۽ ٻين ملڪن ۾ اسلامي تعليمات جي اشاعت جو سلسلو وڌي رهيو آهي.

توهان جي طرفان جمع ڪرايل قربانيءَ جي کلن ذريعي حاصل ٿيندڙ رقم اسلامي تعليم ڏيندڙ 22

## 6 لکن کان وڌيڪ شاگردن ۽ شاگرديائڻين جي تعليم

جاري رکڻ ۾ مدد فراهم ڪندي. ان سان گڏوگڏ دعوتِ اسلامي جي ٻين شعبن ۽ ديني ڪمن ۾ پڻ معاون ۽ مددگار ثابت ٿيندي، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْکَرِيْم! .

دينِ اسلام جي خدمت ۾ توهان به دعوتِ اسلامي جو ساٿ ڏيو ۽ پنهنجي زڪوات، صدقاتِ واجبه، نافله ۽ ٻين عطين (Donations) ذريعي مالي تعاون ڪريو! توهان جو چندو ڪنهن به جائز ديني، اصلاحي، فلاحي، روحاني، خيرخواهي ۽ ڀلائيءَ جي ڪمن ۾ خرچ ڪري سگهجي ٿو.



## هزارن کان وڌيڪ ديني ادارن

۽ انهن ۾ اسلامي تعليم حاصل ڪرڻ وارن

978-969-722-916-1
01130341
فيضانِ مدینہ، محلّہ سوداگران، پرانی سبزی منڈی، باب المدینہ (کراچی)
UAN: +92 21 111 25 26 92 Ext: 2650 / 1144
Web: www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net
Email: feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net
MAKTABA TUL MADINAH